ساردول

اوتارو اديبن

ليکڪ: نارائڻ چيتانند ميراڻي "قلندري"



ساردُول

ليکڪ:

نارائڻ چيتانند ميراڻي

"قلندري"

ادبي سنگم پبليڪيشنس، اجمير

شڪرگذاري

ٿه موڙتي- پرنسپال روپچند سپاهيملاڻيءَ، هري همٿاڻي ۽ ڍولڻ تيرٿداس مورواڻيءَ "راهي" پرنسپال صاحب هن وقت "سنت ڪنوررام" هفتيوار جو سمپادڪ آهي. هري اِنعامن جو لٽيرو- هڪ راجسٿان سنڌي اڪادمي ۽ ٻيو هندي ڊائريڪٽوريٽ دهلي مرڪزي سرڪار جي سنڌي ونگ مان ٻه اِنعام عطا ڪندڙ آهي. هنن ٻنهي وقت به وقت منهنجا ڪتاب ۽ ليک نظر مان ڪڍيا آهن. "سارڊول" جي ڇپائڻ ۾ ڍولڻ "راهي" ۽ هريءَ واه جي اِمداد ڪئي آهي. مان بستري بيمار هوس ته ڪتاب جي ڇپائيءَ جو بوجهه هنن سر تي کنيو. منهنجيءَ ڌرم پتني شريمتي پارپتيءَ به هٿ وڌايو جو پريس ۾ وڃي بلاڪن ڪڍائڻ جو ڪم هن سر تي هموار ڪيو ۽ گهر ۾ ڇاپو پڙهي به ٻڌائيندي هئي ۽ صحيح نامي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. وقت ۽ موقعي جي حساب هونءَ ڪتاب تيار نه به ٿي سگهي ها.

ڍولڻ بمبئي يونيورسٽيءَ جو ايم.اي. فرسٽ ڊويزن سنڌيءَ ۾ آهي ۽ ڊگري ڪاليج آدرش تعليمي سنستائن اجمير ۾ سنڌي پاڙهيندو آهي. عرض اگهائي هن جوان مهاڳ، لکي "سارڊول" جي سونهن وڌائي آهي.

باغ ٻاغائي



گُلي موٽومل

شڪال آهي افسانو شاديءَ جو ماٻو اچي مٺار
پٽ وسي باغ ٽيو ڦولاريا ڦوُل خوشبوئدار
هاءِ مگر ويو هاي گُل جي گُلي جو ڇٽي پيو هار
پر ياد پياريءَ ويو ٽاري ٻيڙو ٻارن جو ڪوهيار



SARDOOL

Narain J. Merani
"Qalandari"

June 1983

Price : Rs. Twelve

Author's Add:
16/194, Ahata Mohalla,
Opp: Shri Talkies,
AJMER–305001

Printed by Shri Girdharilal Gur, at Kohinoor Printers, Shekha Mohalla, Diggi Bazar, Ajmer and Published by N. J. Merani, (otaro Adiban) 16/194, Ahata Mohalla, AJMER - 305001

ديپڪ عرف نريش ڀڳوان موٽومل

جنم: ٣٠ آڪٽوبر ١٩٨٢ع



سڄڻ تنهنجي سچي وٽي جنم آهيان وريو
ٻيور تنهنجيءَ ترشنا گهر ساڳئي آهيان وريو
ڪير وڏو ڪير ننڍو ڪنهن هو سنگـــ، ٻڌو
لڳن ڪهڙي وري واري ڪهڙو آهي سنگ، ٻڌو

آمد، ١١ آڪٽوبر ١٩١١ع - روان، ١٢ جون ١٩٨٢ع



سرڳواسي موٽومل واڌومل حيدرآبادي

قرار ڏيئي ڪلام پنهنجي ورائي ايندس جنم وٺي
شرف ڏيئي گرب ٽنهنجي پيئندس اچي ڊوڙ وٺي.

اڄ ٽڪ پڳو

اَڄ ٽڪ پڳو - سپني جو سڳ، لڌو
ڪر هلڻ جو سعيو اَدا، اڄ زندگيءَ جو تڳ، لڌو

اَڄ ٽڪ پڳو. سمجهه ۾ نه آيو ته اها ٽڪ منهنجي مک مان اچانڪ ڪيئن نڪتي. نوڪريءَ تان فارغ ٿي گهر وريو آهي تڏهن چئبو آهي ته اَڄ ٽڪ پڳو. نوڪري شيشي جي نوڪري آهي. سا سر تي بوجهه جيان آهي. جڏهن سلامت لاهي مالڪ کي سپرد ڪبي آهي ته دل ۽ دماغ هلڪو پيو سمجهبو آهي. پر تنهن واقعي کي ته سالن جا سال گذري ويا. سنه ١٩٦٨ع جنوري تاريخ ٣ شيوا نورتي حاصل ڪئي هئم. هي سال ١٩٨٢ع آهي. ڪيڏو نه سمو گذري ويو. تنهن حالت ۾ هن ٽڪ "اَڄ ٽڪ پڳو" اِنهيءَ حوالي ۾ ته ٿهڪي نه پيو بيهي.

پوءِ پلا تڏهن کهڙو حوالو ٿي سگهي ٿو؟ هان - سمجهي آيم ته زندگي سکن پري هجي يا ڏکن، پر سا به هڪ نازڪ امانت جيان آهي. جي سک آهن ته گهڻي ۾ گهڻو کپي جي لوڙ لڳي پيئي هوندي آهي. ڏکن جي ته کهڙي ڳالهه ڪجي. گهڻي ۾ گهڻو کپي. هيءُ سکن واريءَ زندگيءَ کي کپي کپي ۽ حسد

اڄ تڪ پڳو سپني جو سڳ، لڌو
ڪر هلڻ جو سعيو ادا، زندگيءَ جو نڳ، لڌو



پارٻتي نارائڻ

سنسار آهي سپنو پر ڏسڻ دوکو ڪيئن ڇوان
پردي پٺيان چاهي اکل ڄاڻ تنهنجي ڪيئن لهان
تلڪ چاڙهي آيس وٽي سا پٺيان ڪيئن ڇڏيان
تڪ منهنجي ٽڪر ڪنهن سان سو به گهاٽو ڪيئن سهان

تقدير آهيان! تعويذ آهيان! ڪنهن ٻڌي تو ڪنهن ڇڏايان
سچ جو جڏهن نانهه پتو ماڻ ڇا ڪري ڇا سڏايان
ڪڇو نه ڪري سگهندو طِب کهڙو مان پڇايان
شڪر آهي يا ڪمحتاج آهيان کهڙي گمان ورق ورايان

ڪڏهن ڪجهہ گهريو ڪونهي. اِها پڪي وشواس جي نشاني آهي. نہ تہ باقي هو انترياميءَ جاڻي جاڻڻهار ڇاجو؟ پر هيءَ هڪ منهنجي ڪمزوري آهي. مون کي ڊپ ويڙهي ويو. ڪاٿي ساھ لڪيءَ لڪ نہ ڪائي نہ هيءَ پنيان ڇڏي ٿو وڃان تہ اَنت ويلو ڏکيو ٿي پوندو.

منهنجو ڀيٽويو شريف موٽومل واڌومل سيان بمبئيءَ ۾ بيمار هو. لکندو هو تہ ڀيڻي اَچ پڪي تہ جيئري مڪاميلو ڪريون پر مون کي وهم تہ ڪاٿي ڀيڻ جي در تي نہ وڃي پراڻ تياڳيان. بيمار تہ، عليل طبيعت منهنجي بہ هئي. وهندي وهندي ڇپاھ. ائين سڪي ويندي ءَ سُور اچي اُپرندو هو جو ڪو اُٿاري تہ اُٿان. سو نہ ويس. آخر تار آئي تہ ڀيٽويو صاحب سرڳواس ٿي ويو. ڇا اِسرار! زبان منهنجي ۽ زبان منهنجي پياري ڀيڻ جو. سندن جنم ڏينهن ١١ آڪٽوبر سنہ ١٩١١ع ۽ فوت جي فتوي ١٢ جون سنہ ١٩٨٢ع

سنہ ١٩٣٨ع مهنو آڪٽوبر تاريخ ٣٠ سندن شادي ٿي هئي. منهنجي ڀيڻ گلان سهڳ حاصل ڪيو هو. ديوتا حاصل ڪيو هئائين. برنس روڊ ڪراچي - جهوني گرنانڪ دربار مٿان شهاڻيءَ جي جاين ۾ رهندا هئاسين. ڪٿهڙي ۾ ٻيئنا هئاسين - مان

ساڙي ٻڇڪي جو گُهڻو ويتو ڪائي. وڏو آزار آهي.
ٻيو مٿان سک ائين نه گم ٿي وڃن يعني ڏيوالو نه ڪڍي
وهان ۽ ڏهن مان ڪاٿا هڪ موٽر پاڇي ٻچيل هجي،
سا به چڱڪ اوڏ ر تي سواري پيٽ ڪي پٽي ٻڌي ٻاهريون
شان شوقت رکڻ جي ڪارڻ. تنهن ڪان وٽ ته ڏکن
واري زندگي سٺي. رات پنيان سويرو اِهو يقين
رکي شڪر ڪري پئي ڪاٽجي. پر هِجي
ڪهڙي به هجي آخر زندگي ٻار پريل پري آهي ئي
آهي. هڪ پڪ آهي. ٻڇيائين ته اِها پڪ ڪئن
پري؟ چيائين ته موت مبارڪ جي هٿان. موت
اِنهيءَ حساب راحت بخش سوکڙي آهي. جا ملي ته
موت پر ٽڪ پڳو.

هجي. پر منهنجي ڏڙن ڏکي ويئي. هيءُ
١٩٨٢ع جا واقعه آهن. جوان ڪونه هوس. سٽر ڪي
اَچي ڏڪ هنيو هوم جڻ جو موه به ڪونه هوم.
پر برهم اولاد ٻانيڻ جا سوکڙي ويڏي پڙهي منهنجي
سپرد ڪئي سا مون اَمانت پئي سمجهي آهي. سهاڳ
تلڪ نه ميٽجي وڃي. تنهنڪري سهاڳڻ ڀاڳڻ جي
منڊ ملهائيندي ميلو مٿو ڇڏي سا منهنجي تمنا هميشه
رهي آهي. سائينءَ جي در تي اِهائي دعا دائما
پنندو آهيان. يقين ڪريو ته مون رحمت الله ڪان

ٻه پٽ هڪ ڌيِ ۽ ڀيڻ رهندا هئا. هڪ ڀيڻ جي شادي ڪرائي ڇڏي هئائون. ٻنهي پٽن، ڀڳوان ۽ پرڪاش جي شادي ڪرائي ڇڏي هئائون. ٻئي آسودا آهن. پرڪاش ناسڪ ۾ آهي جنهنکي ڪمپنيءَ طرفان بنگلو ۽ موٽر ڪار مليل آهي. ڌيءَ ٻينا موهنداس شامداس آجباڻيءَ سان شادي ڪيل آهي. اها به آسودي آهي. پنهنجو فليٽ ۽ موٽر ڪار اٿن. جهوُلي رهندا آهن. سندن ڀيڻ وسيءَ شادي ڪانه ڪئي سا ساڻن رهندي هئي. وڏو ڀاءُ گهنشيام داس هون جو پنهنجي پريوار سميت چمبور پنهنجي جاءِ ۾ رهندو هو. ڪانئن ڇهه مهنا اڳ گذاري ويو هو. شادي شده ڀيڻ لڇميءَ کي به دهليءَ جهڙي شهر ۾ پنهنجو بنگلو آهي.

اَڌو ڇڏڻ ۽ وري اَڌو اَڌڻ هن پار جي زندگي جو راز هو. وقت هو جڏهن سندن پٽ ڀڳوان کي اوچتو اچي دل جي بيماري ٿي. تڏهن سائين جي در دعا پني هئائون ته. اها بيماري مونکي ڏي ۽ هن جوان کي زندگي بخشي ڏي. جوان ٺيڪ ٿي ويو. ڪجهه وقت بعد سندن طبيعت بگڙجڻ لڳي. اوائلي اوائلي دل پنهنجي جڳهه ڇڏي بيٺي هئي جنهن کي اينلارجمينٽ آف هارٽ جو مرض چوندا آهن. پوءِ ڀڄاڙيءَ جو باقائدي دل جو مرض ٿي

گلي ۾ منهنجي ڀاڄائي جنهن اسان کي نپائي وڏو ڪيو هو. دادا مرليڌر منهنجو وڏو ڀاءُ هو هيءَ تنهنجي زال هئي. پلڪ ئي ڪانه گذري ته ڏسان ته گلي آهي ئي ڪانه. چيم ڪاڏي ويئي ته ڀاڀيءَ چيو ته پنيان بيٺي آهي. ڏسان ته پير اُگهاڙا ۽ هٿ جوڙي بيٺي آهي. ڀاڀيءَ چيو ته سامهون ڪير بيٺو آهي. سندس منگيتو موٽومل آيو پئي. سفيد سنڌي وڳو. ڪاڏي پائيندو هو. سندن گهر اسان جي پنيان برنس روڊ تي هوندو هو. گهر پئي ويو. هيءَ منهنجي ڀيڻ جي شردا هوندي هئي. اَج اُهو ديوتا اُٿي ويو. سهاڳ جو تلڪ ميساري ويو.

هڪ ڏينهن سڀ کي هلڻو آهي. هيءُ حاڪم به هليو ويو پر پنيان پريو پرپور ڀيڙو ڇڏي ويو. سنڌ ۾ سيوهڻ شريف ۾ رهندا هئا. سيوهڻ جي ڀرسان خداباد شهر هوندو هو جو ڪلهوڙن حاڪمن جي گاديءَ جو هنڌ هو. قضا ڪارڻ اُتان لڏ پلاڻ تي ته هتي اچي سيوهڻ وسايو. ٻي سندن برادري گهڻي ڀاڱي حيدرآباد گهر اُڏي وڃي رهيا جت خدابادي عامل پنچات برپا ڪيائون. ورهاڱي بعد ڪلياڻ ڪئمپ ۳ ۾ شانتي نگر ۾ اچي رهيا هئا. پوءِ سيان بمبئي وڃي رهيا جت سنتنام بالڊنگ ۾ هڪ پنهنجو فليٽ ورتائون. اِنهيءَ ڪمپائونڊ اندر

ڇا نه ڇاهه هو. ڀڳوان ڀنهنجي ڀاءُ پرڪاش کي ناسڪ فون ڪئي ته تون زال سوڌو اڄ جو گوريءَ جو آپريشن ڪرائي ٻار ڄڻائڻو آهي. ترت پرڪاش موٽ ۾ چيس ته مان ته اڳيئي تيار ويٺو آهيان جو رات سپني ۾ درشن ٿيو هو ته مان ۳۰ تاريخ جنم وٺي رهيو آهيان. شڪر الله ميان جو ڇوڪر ڄمر لڌا. آپريشن ڪو نه ٿيو. رواجي دستوُر موجب پٽ اچي پڌر وسايو. اهي ٺي يارهان آدمي چلهه تي ۽ انهيءَ ورچ جڻن سندس جڙي هئا، يعني مولت ۽ مذڪر انداز ساڳيو.

ايشوري ڀڄن ڀاڙ جا ڪي نيم ٿيم آهن. تڏهن ڇرچي جي ڀاڙ مون کي شاه عبداللطيف جي سر رامڪليءَ مان آيت چئي ٻڌائيندا هئا ته:-

ناٿ جنهين ننڌ ٿت نه نهاريو جوڳئين
ڪي ڪويساهيا ڪاپڙي پربا پراهين پنڌ
هوُ هنهين هنڌ، ٿي هنهئين ويا هنگلاج ڏي.

تڏهن مان چوندو هوسان ته شاه صاحب ساڳي سر رامڪليءَ ۾ راز پٽيندي هيءَ آيت به چئي آهي ته:-

ناٿ جنهين ننڌ، ٿت پرط نهاريو جوڳئين
سي سويساهيا ڪا پڙي، پريا پرانهين پنڌ
هوُ هئو هن هنڌ، هن هنگلا جان هٿ ڪيو.

پيش ۽ گذاري ويا.

پڇاڙيءَ جي سال ۾ سندن ننهن گوريءَ پڳوان جي زال گرڀوتي هئي. ۽ نياڻيون هيس. پٽ جي تمنا هئن. اڃا ۽ مهنا ڪن چڙهي ٿيا هئس ته خواب ڏٺائين ته سندس سهرو ڪيس چئي رهيو آهي ته توکي پٽ ڄمندو ۽ اهو مان هوندس. جڏهن بيمار پيا ۽ اسپتال ڪٺائي ٿي ويس ته مونو ۾ گوريءَ کي سڏ ڪري چيائون ته مان اسپتال مان جيئرو ڪونه موٽندس ۽ تنهنجي پيٽ مان ضرور ڄمندس.

واقعي ڪي شرف آهي. برابر اسپتال ۾ ئي قضيو ٿيو. سال ١٢ جون ١٩٨٢ع. ساڳي سال ٣٠ آڪٽوبر ١٩٨٢ ۾ گوريءَ کي پٽ ڄائو. اِهـا سندن شاديءَ جي تاريخ به هئي. پيرط لکيو هو ته همٿ ۽ پير ڏاڍو وڏو آهي. تنهنجي جيئري فلمت بدلائي پهرين ماڙ تي فلمت ورتو هئائين. پر اڃا لهي وينا ڪونه هئا ته پرلوڪ پڌاريا. پڳوان کي پٽ هن متا سٽا واري جاءِ ۾ ڄائو. پيرط لکيو هو ته ياءُ مالڪ ڪونهي. تڏهن دل ۾ چيم ته جاءِ جي متا سٽا سان هيءُ بدل سدل بار به آهي. ته چئه ڪٽي ته ناڪر به آهي ته منڊر به آهي. روپ پيا بدلجن تنهن سان گڏ رشتا به. هيءَ زندگي آهي. راز به ۽ پڌري پٽ بيان به آهي.

ڪلياڻ وچي رهندا هئا. سندن پٽ اهو نيم قائم رکندا ٿا اچن. سائين جن جي سپتر پريتم جي گهر اِها مبارڪ ورسي لڳندي آهي ۽ ڀڳوان سيان مان ۽ پرڪاش ناسڪ مان اهڙن موقعن تي وچي حاضري واريندا آهن. سرڳواسيءَ کي ساءِ جن جي هيءَ ٽڪ نت نيم زبان تي هوندي هئي ته :-

جي وڏو آهين ته پيار ڪر
جي ننڍو آهين ته نياز ڪر.

گهر ۾ پٽيءَ تي اُڪريل اِهو بيت پڻ سينگاريو پيو آهي ۽ ٺاڪرن سان گڏ سائين جن جي صورت چينيءَ جي پليٽ تي اُڪريل رکي آهي ۽ نت نيم اگربتي پڻ ٻرندي آهي.

— نارائڻ قلندري

هيءُ شاھ جا ٽوپا آھن. ويساھ جو سوال آھي. جن پٿر ۾ ويساھ رکيو تن پٿر مان پاتو. ڇڏينس تہ ھو اُتي ئي رڌو رھي. تون پنھنجو چاھو ٽپاءِ ۽ پنھنجي رمز ساڃہ رڌي ڪاءُ. پيٽ ڀئي ڀري اڃي ٻون وٽ آرامي ٿيندا.

ڪاپاٽ ڪئمپ ۾ سائين روچلداس سرڳواسيءَ جي ڪٿا ٻہ ھوندي ھئي. منھنجي پيٽيوئي جو گھر بلڪل سندن سامھون ھوندو ھو. وچ ۾ رڳو گھٽي ھوندي ھئي. منھنجو وڏو ڀاءُ دادا مرليڌر پيرط وٽ رھندا ھئا. ڪين سنڌ نئشنل بئنڪ ۾ ڀھرين اڪائونٽنٽ ۽ پوءِ مئنيجر جو پد حاصل ھو. گھر اجمير ۾ ھئوسين جت منھنجي نوڪري ھئي. دادا جن جو ڪراچيءَ ۾ نت نيم ھوندو ھو تہ گرنانڪ دربار جنھن مان ڦٽي گر سنگت دربار بہ ٻٽي، اسر جو آسادي وار ۽ سنجھا جو شبد ڪيرتن ڪندا ھئا. اُنھن سائين روچلداس جي درگاھ تي ڌمال ھڻڻ شروع ڪئي. جڏھن جڏھن اجمير ايندا ھئا تہ انھيءَ نيم جي ٻجاوري منھنجو پيٽويو صاحب ڪندو ھو. اِئين نيمي ٿي ويا. ھيءَ وقت جي ٻاھاري آھي. دادا جي پرلوڪ پڌار جڻ تي ھيءُ نيم سندن زندگيءَ جو اَڌوٽ انگ ٿي پيو ۽ جيستائين سندن طبيعت ٺيڪ ھئي تيستائين سائين جن جي ورسيءَ تي

آهي تنهنجي ڳاڃ تي ڏونڪي لڳڻ تي اُٿندڙ آواز
يعني ڏمال هئڻ تڏهن 'مرڳن' پنهنجي جوء يعني
غفا ڇڏي هيءَ تيو اُرت. هاڻ غفا يعني جوء تي
هيءَ اِنسان جو جسم ۽ مرڳ تيا پنج وڪار ۽ ڳاڃ
سارڊوُل جي تيو ڪو ڳر منتر.

وڏيڪ ڪوج ڪندي معلوم ٿيو تہ سامي ۽ هن اِنساني جسم کي "نوُر محل" جو شرف ڏنو آهي، يعني اِنسان مجسم اِلاهي نوُر آهي. خيال آيو تہ محل کي منار ڏيئي وڏيڪ شوڀنيڪ بنائجي. تہ ڀلا ڳهڻا منار هجن؟ ڇيائين چار. ٽي يا پنج ڇو نہ؟ تڏهن دل ڇيو تہ حوالو سامي ۽ جا سلوڪ آهي ۽ پاڻ ويد وادي آهي جي ويد چار آهن. تہ هيءَ چار منار محل ٿيو. پر انهي ۽ جو بوجهہ ڪير ٿو سهي؟ ٿنيو ڳهرجي. تڏهن سامي ۽ جي سلوڪن جي وڏيڪ ڪوج ڪئي ويئي تہ بطور اِشاري ڪجهہ اِنهي ۽ باري ۾ ڇيو اُٿائين؟ تڏهن سندس هڪ سلوڪ نظر چڙهيو جنهن ۾ "من ٿنيو" شبد ڪر ۾ آندا اُٿائين. ڇوي ٿو:-

سامي نڳـــ، لڏو جنهن نڳيو آهي جهان کي
محڪم مـن ٿنيي سان پريم جي دام بڌو
ڇڏي ول ڇل پنهنجو تيڙو نڳـــ تڏو
سهجي ساڳہ رڏو سو ڪائي نت خوشيءَ سان.

ٻه اکر

پڙهندڙ کي وڻندي آهي ته ”ساردُول“ پڙهندي اِئين نه چوي ته سامي ڪٿي؟ سامي آهي اُنهيءَ لباس جيڪو ليکڪ اُنکي پهرايو آهي. مطلب ”سامي هڪ نظريو“ سو ٿيو ساردُول- يعني ساميءَ جا سلوڪ واڌُو ارٿ تنهن کان سوايو ليکڪ جي ڪلپنا جنهن ۾ هن حوالي ٽيڪا جو ميل ٻه مليل آهي. ڪوي آهن تنجي لکٽي نثر نه آهي پر تار مثل آهي. ٽيڪا ۽ ڪلپنا ۾ فرق آهي. ٽيڪا گهٽي ٻاگي ٻنڌن ۾ رهي ٿي پر ڪلپنا هڪ اُڏام آهي سا جنهن مجازيءَ ڪهاڻيءَ تي روحاني رنگ چاڙهجي تنهن مهاپرش جي ڪٿن تي هڪ چادر ڍڪي ٿي وڇي جا جهڳڪ منديءَ تي هيري جي ٽڪ جو ڪم ڏئي ٿي. سونهن ۾ سرس سونهن جنهن صورت ڪاڍي بيهي -

ٻه مثال سامي چوي ٿو:-

ٻڌي گاج ساردُول جي مرڪن جوءِ ٿجي

هاڻ ساردُول جي گاج، مرڪن- جوءِ ٿجڻ. هي سڀ ڇا آهي. ساردُول وڏو دهل چئو ڪٽي ته نغارو

ساڳيو ئي آهي - احوال رمز پنهنجي آهي.

سامي 'س' 'الف' 'سا' سو الف لام لکڻ وڏي ترشول جو روپ ڌارڻ ڪري شر شيطان شير جي پيٽ مان ٻار تي قلم جي صورت وٺي لکڻ لڳو 'سار دول' جو هن ڪتاب جو نام ڪرڻ آهي ۽ سامي جي سلوڪن جو سار وچن.

درويشن جي ويچار ڌارا جو ورنن ۽ ويچار ڪيو آهي. انهن جا وچن انهن جي زندگي آهي. باقي پڙهڻ ڪڙهڻ ۽ پوءِ گرهست آشرم يا برهم آشرم سا دنيا جي ڪرت آهي ڪنهنجي ليز ڪنهنجي ماڻي، پر جتي ڪنهن شخص سار وچن ٻوليا آهن ته ليڪ انهن ٻولن سان ٻدل آهي ۽ پنهنجي ڪاپنا جي قلم جي نوڪ "عشق جو نقطو" يا "نانا جو نقطو" مضمون لکي ٿو:-

اهڙيءَ من مراد هن ڪان اڳ، "آتم درشن - گياني سائين ليرتداس" جي ڪتا ڇپائي ويئي آهي ۽ "شاه جي پنج گرنٿي" تيار ٿي رکي آهي.

نظمي فن جو اظهار "سار دول" ۾ ڪيل آهي ته ڪٿي سامي صلابت جو صاحب آهي ۽ پڪيءَ مشق، ڪٿي تشبيه، تجنيس حرفي ۽ هجوگو گڻن جي ڏاڪ جمائي پنهنجي حق ۾ هڪ اعلي درجي جو

هاڻ من ٿيو ٿنيو. ته صورت ڇا حاصل ٿي، يڪ ٿنڀي چار منار - هاڻ ساميءَ اِئين ڪونه چيو آهي پر ايڪ کي ساميءَ جي گيان ورتي سمجهائڻ لاءِ اِهي هتان هتان ٽڪرا ڪٺا ڪري پنهنجو مضمون ٺاهڻو آهي ته توهان سامي نه ڳولهيو پر مون کي ڳولهيو.

مَن چنچل ٿيندو آهي. پوءِ ٿنڀو چنچل يعني لڏندڙ ته پوءِ محل اِستر ڪيئن؟ ذهن وري کوج ڪرڻي پيئي ته ساميءَ جا شبد "مَن اَمن" نظر آيا جن اِها معني ڇنائي ٿي جيڪا سامي "محڪم مَن ٿنڀي" سمجهائڻ چاهي ٿو. هاڻ تصوير مڪمل ٿي.

مَن اَمن ڪيئن ٿئي؟ چيائين ساردُول وڄاءِ ته وڪار پڄن ته من اَمن معنيٰ من من نه رهي مطلب ته من پنهنجي چنچلتا وارو سڀاءُ ڇڏي ڀيهي - هاڻ "مَن اَمن" ٿيو ساميءَ جي سکيا ۾ ساردُول ٿيو ساڌن - جنهن سامي "ساردُول" چيو ٿو اُت شاه صاحب "روح رباب" چوي ٿو:-

گهڙو ڀڄو ته گهوريو، پاڻان هو حجاب
واڄت وڄي وجُود ۾ رهيو روح رباب
ساهڙ ريءَ صواب آئون گهڻو ٿي گهوريان

"گهڙو ڀڄو" شاه جو سو ٿيو "مَن اَمن" مطلب ته شاه تصرف صوفي سو ٿيو سامي آتم گياني - حال

"خود ياوري"- اَدبي ستارا سنڌي ساهتيه سڀا
اَجمير جي پيت ۾ 1973
"سنڌيت"- سنڌي سرڪل، آدرش تعليمي
سنسٿائون طرفان سالياني سوکڙي 1977
"وقت بادشاهه" سنڌي ايمپلائيز ائسوسيئيشن،
اُدئپور جو سوونئر 1980-81
"شاهه صوفيءَ جو وارث سچل سرمست"- "رهاڻ"
راجستان سنڌي اَڪادمي، جئپور 1980-81

جئپور ريڊيو تان وڪاس تيل مضمون آهن:-
"سنڌوءَ ڪناري آزادي جا هوڪا" 1972
"سنڌو جا اِنقلابي شاعر" 1973
"شاهه عبداللطيف" انگريزيءَ ۾ 1976
"سنڌي ڀاڪا ۽ چوٽيون" 1979
"شاهه جو وارث سچل" 1980

'هندو يومي' اَجمير ۾ آيل مضمون آهن:-
"خوديءَ کيم خوار"- "اوجهي جو اَدب"-
"شاعر بيوس جي واٽ"- "وسريل ورق تولارام
مينگهراج ٻالاڻي عاجز"- ڄڳياسوُ چوئٿرام گدواڻي"-
"هيموُن ڪالاڻي" "قومي وير پروانا سنڌ ماتر جا"
(ساڌو هيرانند ۽ ٻيا)- "ٻنگلا ديش- هڪ حق جي
ورندي."

لڪشمينداس جي دعوي لڳائي ته، پر تنهن پر ۾ "آتم چترڪار - سامي" ڪتاب لکي تيار ڪيو ويو آهي.

ٻيا جي ڪتاب ڇپجڻ جي لاءِ لائق ميسر آهن سي آهن :-

١- تنقيد جي مد نظر "بيوس - هڪ سرسري نظر" ۽ پروفيسر ڀمڀاڻيءَ جي "شاهه جي سورمين" جي جواب ۾ "شاهه جا سؤرما"

قصا، ناٽڪ ۽ ناٽڪي ڪهاڻيون به ادبي انبوهه جا انگ آهن - وقت انهن کي به ڏينهن بخشيندو "پرپتوان" ۽ "بابا" هيءَ ٻه قصا آهن. "پتي ورت" ۽ "منڊيءَ ماڳ لڌو" هي ٻه ناٽڪ آهن. "پولي تي ٻاڏائي" هڪ ننڍڙو ناٽڪ آهي "اڌوري آرتي" ناٽڪي ڪهاڻي آهي ۽ "بانس جي ٻنسري" مڪتبي ادبي گفتگو آهي.

ريڊيو تان آيل، رسالن ۾ درج ڪيل ۽ هفتيوار اخبارن ۾ شايع ڪيل ڪي مضمون آهن. خيال آهي ته سي ڪٺا ڪري هڪ "مضموني مجموع" ڇپائي ظاهر ڪجي - مکيه مضمون آهن.

"سکي جيون"- اجمير جا اديب سنڌي ساهتيه سنگت اجمير جي انوکي پيٽ ۾ - 1971

3- Sindhi Folk Tales And The Philosophy Of Man.

4- Sindhi Folk Tales Versified.

5- God Is Law- The Force Behid Gandhian Cult Of Truth And Non-violence- 7 Discourses. I- Life And Death. II- Reincarnation. II- God Is. IV-Prayer And Idol-worship. V- Prayer And Divine Munificence. VI- The Magic Wand of Truth And Nonviolence VII- The Realization.

6- Essays appearing in magazines as

A- "The Author" The Authors Guild of India Publication.

Essays- I- Shah Abdul Latif, The Philosopher Folk Poet Of Sindh.

II- Author And The Freedom Of Expression (Prize Essay)

B- Sufi Commemoration Numbers

I- Inflated Lie- 1981

II- Kufir- The Untruth And Yet The Only Truth 1982 (Written For The World Of Religions, Cochin, India Held In 1981)

III- The Feast Of Benediction, Poem, 1982

C- Khawaja Garib Nawaj, 5th Annual Special Souvenir.

I- Lal Shah Baaz Qalandar.

D- Urs Special- Sufi International Publication.

I Sama And Samadhi.

اَٽڇپيل - ”ڪٽي پتنگ، جو وري ورڻ“- ۽ نظمي نسخا جي عشق جي اوطاق جو ديدار ڪرائين ٿا ”شاعراني ڪايد“-

اڙدو نظم، ”عشق ئي عشق“ مجموع

هي سڀ ذخيرو بندي جو خزانو آهي. ڇپيو ته واه واه نه ڇپيو ته خير صلاح. پاڻ کي فائدو اِهو ته واندڪائي جي وندر ڪٽي سين ۽ دماغ جي واڏ جنهن آڏار ٻئي جنم ۾ پڪتي پائي اَدبي کيتر ۾ وري ڇٽجي ويندا سين- ڪئن؟ جئن ڪٽي پتنگ ورِي ورِي آيو ماڳ، تي.

انگريزي ليکن ۽ مضمونن تي ٻه قلم هليل آهي جي ٻه ڪتابي صورت ۾ تيار آهن ۽ ڪي ڪتابن ۾ شايع ڪيل آهن-

Secularism and Sindhi literature – Shah, The Metaphysician in five parts – Sufism in sind – Shah, his method and metaphysics – Sufi at the cross Roads – The Temptation–place of Woman in Religion– Concept of Sufi – The Restoration – Tasawwuf and Vedant – Faith and Reverance – Divinity, That Is The Man – Concept of Divinity presided over by the Devine – paradise Lost and Regained – The Secret of Creation – Laboratory of man – Talaband Tehsil Convention – Azazil – The Scripture on yoga.

پيش لفظ .... !

اوير ۽ اولهه ۾ امتياز ڪجي ته معلوم ٿيندو ته جتي اولهه جي فيلسوفن، ڪلاڪارن ۽ ساهتيڪارن فطرت جي ظاهري سونهن ۽ ڪائنات جي ٻاهرين عناصرن جي وسيع تر وياکيا ۽ اُپٽار ڪئي آهي، اُتي اوير جي دارشنڪن، تتو گيانين، ڪوين ۽ ڪلاڪارن سرشٽيءَ جي سموري سونهن ۽ برهمانڊ جي وشالتا پنهنجي اندر ۾ پاتي آهي. اولهه ٻهرمکي آهي ۽ اوير انترمکي. اولهه جي نظر سونهن جي حدن تائين محدود آهي ۽ اوير جي درشٽي آهي "سونهن جي سر" تائين، جيڪو اسيم، اپار ۽ اکٽ آهي. جنهن "سچ" جي تلاش اولهه، صدين کان ڪندو رهيو آهي ۽ هاڻي ڏيري ڏيري تصديق پڻ ڪري رهيو آهي. اُن "انادي سچ" کي پنهنجي اپياس، انڀو ۽ عمل ذريعي اوير جي ترڪال درشي تتو گيانين، رشين منين، سهسين سال اڳ، ئي ظاهر ڪري ڇڏيو. شنڪر آچاريه ويدانت جي "ادويت واد" درشن جي جيڪا وياکيا ڪئي، اُنکي ريٽڻ جي اجا ته ڪنهن کي جرئت ڪانه ٿي آهي. چاڪاڻ ته

E- Spiritual Victory Of Imam Hussain, By Janab W.D. Begg, Author of The Big Five, The Biographv of Khawaja Gerib Nawaj, And Journalist

I- The Elegy On Karbala.

7- Engagements-

I- First President of Sindhi Sahitya Sabha, Ajmer

II- General Secretary And Founder of Sufi International, Ajmer.

III- Founder Member of Inter- Faith Fraternal Association, Ajmer

IV- Member Authors Guild of India, New Delhi.

V- Invitee To Christian - Muslim Dialogue On Sufism Under The Auspices of C. B. C. I. Varanasi, Diologue Commission U.P. Held in Ajmer October 1981

VI- Invitee To World Confernce of Religions And Man, Cochin, Novamber 1981

VII- Member On the Adhoc Committee, Department of Sutism, Government College Ajmer.

پاڻ مهربان "سارڊول" پڙهي پنهنجي آزاد
راءِ کان واقف ڪرڻ جي عنايت ڪندا.
صحيح نامي جي حساب ڪتاب درست ڪري
پڙهندا ته وڏيڪ لاڀدائڪ ٿيندو.

- نارائڻ ميراڻي
"قلندري"

16/194- Ahata Mohalla,
Opp. Shri Talkies,
AJMER-805001

متن کي اظهارڻ لاءِ سرلي ٻولي ۾ موزون ۽ معقول هئي چاڪاڻ ته اُهائي سنسڪرت جي وڌيڪ ويجهي هئي.

سامي ءَ جي نسبت ۾ شاهه ۽ سچل تي عالمن، آلوچڪن، وياکياڪارن ۽ معتقدن گهڻو ڪي لکيو آهي. سامي ءَ کي عوام اڳيان آڻيندڙ پهريون عالم اديب هو ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي، جنهن سامي ءَ جي شخصيت حياتيءَ ۽ سلوڪن جي وستار سان کوج ۽ اپٽار ڪئي. اُن بعد رشي ڏيارام گدومل، جيٺمل پرسرام، ڪلياڻ آڏواڻي. محمد صديق ميمڻ، واڌومل مولچند، اُتم وغيره عالم اديبن پڻ سامي ءَ جي نرالن پهلوئن کي اُجاگر ڪيو.

”ساردول“ پڻ اُن سلسلي جي ڪڙي آهي. ساردول ۾ سامي ءَ جي سلوڪن تي ڪجهه نين ڪندن کان روشني وڌي ويئي آهي. مثلن سامي ءَ جي ”سهاڳڻ“ ۾ شاهه جي ”نوريءَ“ جو درشن. ليکڪ شاهه جي ٻين سورمين جي احساس جو عڪس پڻ سامي ءَ جي سلوڪن ۾ پاتو آهي جنهن مان ڀاسي ٿو ته سامي ءَ تي پڻ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو گهاٽو اثر آهي، خاص طور عمر ماروئي ۽ سورٺ راءِ ڏياچ جو. جا مستند حقيقت ”نانا جو نقطو“ ۽ ”عشق جو نقطو“ وارن بابن ۾ ليکڪ واضح ڪئي آهي.

اُها انادي ۽ اننت آهي. ويدانت جي وشالتا ۾ دنيا
جا مڙئي مکيه مت، درشن، ڌرم ۽ سوکيم تتو سمايا
پيا آهن. ادويت واد جهڙو بيباڪ درشن سمجهڻ،
قبولڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ جنمن جي جاڪوڙ، جگياسا،
اڀياس ۽ تپسيا کپي.

سنڌ جي شاستريه ڪوين جي مُورتي ”شاهه-سچل-
سامي“ ۾، سامي صاحب ئي ڀارتي دارشنڪ تتون
کي پنهنجن سلوڪن جو وشيه بڻايو. ويدانت جي
گوڙهي درشن کي، گيتا جي ڀڳتي، ڪرم ۽ گيان
يوگ جي سدانتن کي ساميءَ جنهن سرلتا ۽ ڪشلتا
سان سنڌيءَ ۾ اُپٽاريو آهي، سا هڪ طرف ڪيس
ڪامل ڪوي ثابت ڪري ٿي ته ٻئي طرف گوڙهو
تتو گياني پڻ. سنڌ کي ڀارتي درشن جي ڄاڻ ڏيندڙ
پهريون ڪوي سامي ئي هو، جنهن ويدانت درشن ۽
اُن جي وياکيا لاءِ ٺهڪندڙ شبد رچنا ۽ شئلي پڻ سنڌيءَ
۾ سڀ کان اول رائج ڪئي. ان لحاظ کان هُو شاهه ۽
سچل کان اعليٰ، انوکو بلڪ يگانو نظر اچي ٿو. سنڌ
۾ جنم وٺڻ سبب ساميءَ، سنڌ جي سڀيتا، سنسڪرتيءَ،
لوڪ ساهتيه، تصوف ۽ عربي فارسيءَ گاڏڙ ٻوليءَ
جا اثر پڻ سڀاويڪ طور جذب ڪيا، جيڪي سندس
سلوڪن مان سج جيان روشن ٿين ٿا. سندس ٻوليءَ
جو لب لهجو شڪارپوري آهي. ويدانت جي گوڙهن

متروڪ ۽ غير مروج ڪتب ٿو آڻي. سطحي وندر وارن کي هن گرنٿ مان حظ نه به حاصل ٿئي، پر دارشنڪ رچي رکندڙ ساڌڪن لاءِ ساردُول، روحاني فيض ۽ لطف ڏيندڙ رچنا ثابت ٿيندي. هن پستڪ ۾ ساهتيه ڪان وڌيڪ درشن ڀريل آهي. وشيه ڏانهن ليکڪ جي ايمانداري تحسين جوڳي آهي. ڇنڊي ڪٽي ته ساردُول سندس ڄاڪوڙ، جڳياسا ۽ اونهي اڀياس جو آئينو آهي. وشواس اٿم ته ليکڪ جي قلم مان اڃا به وڌيڪ ساهتڪ ۽ دارشنڪ موتي اسان کي اڳتي به پڙهندا رهندا.

- دولت راهي

عزازيل کي شيطان تصور ڪيو ويندو آهي مگر ليکڪ "نانا جو نقطو" مضمون ۾ عزازيل کي عاشق ثابت ڪري، ساميءَ جي سلوڪن جي سند عطا ڪئي آهي، جنهن مان سندس ڳوڙهي جاچنا جي پروڙ پوي ٿي. "تصديق" مضمون ۾ ساميءَ ۽ قلندر شهباز جي نسبتي تجزيي ذريعي ليکڪ هڪ طرف اِهو ٻڌايو آهي ته قلندر شهباز فقط درويش يا ولي نه هو، جئن عام طور سمجهيو ويندو آهي، پر هو اعليٰ درجي جو صوفي شاعر پڻ هو، جنهن جو اثر ساميءَ تي پڻ پيو، جو سندس سلوڪن مان ظاهر آهي. اِهو پڻ هڪ نئون پهلو آهي جو ليکڪ ظاهر ڪيو آهي. ساميءَ ۽ سنڌ جي ٻين صوفي شاعرن جو نسبتي جائزو پڻ سندس ڳوڙهي اڀياس ۽ دارشنڪ رجحان کي ظاهر ڪري ٿو. ڪجهه سلوڪن جي وياکيا مان ليکڪ جي جگياسا ۽ باريڪ بينيءَ پڌي بکي. مون کي شخصي طور جاڻ آهي ته ليکڪ تصوف ۽ ويدانت کي فقط خيال ۽ فڪر تائين محدود نه رکي، پنهنجي جيون ۾ پڻ عملي طور اپنايو آهي. هوُ سچي صوفيءَ وانگر انسان دوست، نيڪ دل ۽ خداترس شخص آهي. دراز عمر ۽ عليل طبيعت هوندي به اڀياس ۾ مبتلا هوندو آهي. البت سندس ٻولي ۽ شئلي عام فهم نه آهن. سنڌيءَ جون ترڪيبون پڻ دقيق،

فهرست

سامي سمرڻ

هر درويش ذات پات جي ڀيد ڀنا، اوچ نيچ جي ڀاو ڀنا دوست جو ديدار آهي ۽ روحاني رمز هن نقطي جو شائق آهي ته :-

ميم ڀــــن احمد پڙهه تــون حق جـو حقدار آن
نفس ماري مات ڪر تون احد جو اوتار آن

سمو به انهيءَ ڪلام کي سلام ورائي ٿـو. ڪنهن به ٻي ٻولي نه ٻولي آهي. هندي منڙي ٻول ۽ ٻول ستر هين صديءَ روحاني راز پـر سنڌي شاعريءَ کي مالا مال ڪري ڇڏيو هو. شاه عبداللطيف جو جنم هن صديءَ جو هو، يعني سنه ١٦٨٩ع، ۽ وفات سنه ١٧٥١ع جي آهي. پر واحد ۾ واصل ٿيڻ کان اڳ، سچل سرمست کي پنهنجو وارث تسليم ڪيو هئائين. درويش جـي دور زباني هئـي. پـر شاه کـي ڪل ڪاننه هئي تـه اهڙو بـه ڪو درويش پڪي پـاٺ پڙهيل پيدا ٿيو آهي جو روحاني راز پريل رمزن ۾ وات آڻيندو.

شهر شڪارپور ۾ سيٺ ڀڳومل لنب جي گهر هڪ

شمع ٻري شعاع ٿيو - پرواني جو چاهه وڌيو
چاهت جي ترقي وڌي جڏهن جڳ واءُ وڌيو



چاهه
ليکڪ

چاهه جي چراغ ليکڪ ويٺي قلم وڌيو
تنهن سنهڙي قط کوئي ڪاپت ڪانو ڪڍيو

سورهين صديءَ جو شاعري ستارو سيد عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هو. ۽ تنهن بعد شاه عنايت جهوڪ شريف واري منصوري چت ڀري پنهنجي فقيري رهن سهن ۽ صوفياني ڪلام جي پڪي عقيده کي قرار ڏنو. عنايت جي قطار سرمد شهيد به شمار آهي. پر هن، وارو وڃي دهليءَ وڃايو. هو اصل سنڌ کان ٻاهر جو هو پر چاڪاڻ ته روحاني رنگ نتي نگر ۾ چڙهيو هوس تنهنڪري سنڌي روحاني ورثي ۾ ورثي ۾ هن درويش جو نالو هميشه وڏي عزت ۽ صدق وچان ڳائبو آهي.

سائين چئنراء پنهنجو شاعرانو تخلص ”سامي“ پنهنجي گروءَ سوامي مينگهراج جي ياد ۽ عبادت جي پيار وچان اپنايو هو. ٻانيءَ تخلص به ڪم ۾ آندو اٿس. سامي هئا پر سنياسي ڪونه هئا. بلڪل گرهستي هئا. چون ٿا ته ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ به ٻار ڄائو هون. گرهست آشرم ۾ اينري وندر ڪندي ڪندي به ههڙا گيان گپت پريل سلوڪ ڪيئن لکي؟ ڇپائين جو سيرت جو سلطان هجي. سو تاج سامي چئنراء ٻچومل لُنڊ جي حق حلال ۾ آهي.

پُورن گرو به ڪنهن وڏ ڀاڳيءَ کي ملي. ڳولهيندي ڪونه لڀندو آهي. ڪنهن سو نهاري موقعي ملاقات

ڇوڪر ڇمڪاريءَ جنم ورتو هو. سو سنه ١٧٤٣ع هو. جنم جو نالو ڇٽاءِ ۽ شاعراڻي شان تخلص سامي هوس. سچل جو جنم سنه ١٧٣٩ع جو آهي ٻن جي جوڙي واه جو يادگار آهي شاهه سگوري جو! عرصي جي خيال کان ته ٽن جي موريءَ ٻه انگ پيا ٻه جوڙ با ته پنج گروءَ جا گنج تي پوندا ۽ سي هئا دلپت صوفي سنه ١٧٦٩ع ۽ روحل رند فقير سنه ١٧٣٠ع. ساميءَ پرلوڪ پڌارڻ سنه ١٨٥٠ع جي شمار آهي. هيءُ عرصو سنه ١٦٨٩ع کان شروع ٿيو. ٻر شاه کي ڇڏي باقي چار يار زنده هئا جو بيدل فقير جي جنم سنه ١٨١٤ع جي حساب وارئي پنج گنج ٿيا. تڏهن سڄو سارو عرصو ٻن صدين جو سنه ١٨٧٢ع ۾ پورو ٿيو جڏهن بيدل ٻه چولو ڇڏي وحدت منجهه وارد ٿيو. ائين ته سنڌي شاعرانو عرصو سيوهڻ شريف باشنده قاضي سان شروع ٿئي ٿو جا پندرهين صدي آهي. پر درأصل تنهن کان ٻه صديون اڳ حضرت عثمان مروندي شهباز قلندر سنڌ ۾ روحاني طوفان کڙو ڪيو هو. ٻاهر جو درويش هو جو تيرهين صديءَ ۾ مروند کان آيو ۽ سنڌ ۾ شهر سيوهڻ شريف کي شرف ڏيئي پنهنجي پاڪ زندگيءَ جي ڇاپ سنڌ تي هڻي وصلي وصال وحدت وريو سو سنه ١٢٧٤ع آهي.

سائين ڇٽڻراءِ کي رنگ اُتان لڳو. پر ستسنگ مان
ته رنگ سڀ ڪنهن کي ڪونه لڳندو آهي. ڪن
ڪن کي اوچتو ئي اوچتو اچي دل وچ اُمنگ
جاڳندو آهي، ۽ ستسنگ مان ته اُٿندي ئي رلي ڪلهي
تي ۽ ماني پٺڇن تي. الله واهي. جهنگ منهن ڪري
هليا ويندا آهن. حالتون ٻيون هيون پر شاهه کي
رنگ ائين چڙهيو هو جو پوءِ جوڳين جي سنگ
روحاني رنگ رچي، اچي گرهست آشرم سنڀاليو.
پر جو رنگ چڙهيو هوس سو گهاٽو ٿيندو ويس.
خود قاضي قاضن تي به ائين رحمت جي بوند برسي
تي ڏسجي جڏهن چيائين :-

جوڳيءَ جاڳايوس ستو هوس ننڊ ۾
ٿهان پوءِ ٿيوس سندي پريان پيچري.

تڏهن هيءُ سلوڪ ساميءَ جو به ڇو نه چئجي ته
سندس روح جي جاڳرتا جو احوال آهي ته :-

پنت کي پاون، سامي ڪيو ستگروءَ
پرچي ڏنائين پنهنجو نرمل درشن
ٿيڙو من اُمن، اوديا ڪلپت نه رهي.

پر ڪي به هجي، اسانجو مطلب سندن گيان وارتا
سان ۽ نه ڪ سندن گروءَ سان. اڄوڪي زماني ۾ به
لکڻ پڙهڻ جون سهوليتون ميسر آهن ته به ساڃر سن

تي ويندي آهي. سامي تنهن واقعي کي پورن پنج جو قل سمجهي شرف ڏنو آهي. روحاني ڪڙڪي دل جي سندن حالت ۾ به ائين ڪلي هئي. شريمان پرمانند آڏواڻي لکنئو وارو پنهنجي پستڪ "روحانيت جو رهبر" سنه ١٩٧٩ع ۾ لکيئو.

"هڪ رات پائي چئنراء خواب ۾ هڪ مهاپرش ڏٺو جنهن کيس چيو، ستل لال اُٿي جاڳ! اُٿي پاڻ سنڀال. صبوح جي ٽڙق شروع ٿي ويئي. دڪان تي ته وڃي ويٺو پر من نه پيو لڳيس. ڪو ڪر درويش ئي نظر چڙهيس.

چٽنگ پيئي چولي، عجائب عشق جي
ڏه دس بيٺس دوس کي، فڪر سان ڦولهي.

هڪ ڏينهن اوچتو هڪ مهاپرش سندس سامهون اچي بيٺو ۽ چٽڪ کيس چئي رهيو هو ته 'سچي سائينءَ جي راه ۾ اچي رڱج.' اهو ست پرش سامي مينگهراج هو جنهن کي پائي چئنراء گرو ڪيو. ڪي اها ڳالهه نٿا مڃين. عام ۾ اها مڃتا آهي ته سائين مينگهراج جي ستسنگ ۾ سامي چئنراء ويندو هئو ۽ اُن سنگ جو رنگ کيس لڳو هو. سائين مينگهراج اصل بهاولپور رياست جو هو جا سنڌ جي پڙوس هئي ۽ سائين شڪارپور ۾ به اچي ستسنگ ڪندا هئا.

جو ٽڪري ناپ منجهار ٽون سهي سڃاڻج ساھ کي
اَچي گهراڻ گهٽيءَ مون، واءَ ڪري وستار
دامودر ٽنهن دم ۾، آهي اوٽڪار
ايهو ويدن جو ويچار، ساميءَ سڻايو سنڌيءَ ۾.

اِتهاس چوي ٿو ته ويد سنڌوءَ ڪناري لکيا ويا هئا. تڏهن ساميءَ جس ڪٿيو جو سنڌ جو ور ٿو، سنڌي مادري ڀاشا ۾ محفوظ رکي هڪ اَملهه يادگار ڇڏي ويو ۽ پنهنجو نالو اَمر ڪري ويو. هي سامي پنهنجن سلوڪن جي علمي ڪٿ ڪري ٿو. شاهه عبداللطيف به پنهنجي روحاني خيالات جي ڪٿ ڇيو آهي -

جي ٿو بيت ڀانئين، سي آيتون آهين
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي

آيتون معنيٰ قرآن شريف ۾ آيل واڪ وحدت جا. تڏهن چئبو ته شاهه صاحب اِسلامي ويچار ڌارا سنڌيءَ ۾ نظمي قلمبند ڪئي ۽ ساميءَ هند کي، جو اِئين چئبو آهي ته ويد هندو ڌرم جو آڌار آهن. پر تنهن ۾ ڪا سچائي ڪانهي! جڏهن ويد لکيا ويا هئا تڏهن نڪو هندو هو، نڪو مسلمان ۽ نڪو عيسائي. سنڌ مان هند ٿي، جو ڀوڳول جو هڪ ڪنب هو ۽ جنهن ڪنب جا رهواسي هندستاني سڏجڻ ۾ آيا ۽ ويد سنڌ ن جيون ڪلا جو دستاويز آهن. پر سو به

جي زندگيءَ جو خاطريءَ جوڳو اَحوال هٿ ڪونہ ٿو اَچي. حال ويهين صديءَ ۾ ٿي سائين ٽيرٿداس گياني صوفي ٿي گذريو آهي. خود ٻئريسٽر هئا. ڪهين رنگ ڪئن چڙهيو سو خاطر خواه اَحوال ڪوئي نٿو ڏيئي سگهي. سچل سائين جي درگاه جا طالبُ هئا. ڪئن اُتي ويا، ڪنهن جي سنگ ۾ ۽ ڪنهن خاص واقعي ڪهين روحاني درد جو ٽير لڳو، سو ڪو ٻڌائي نٿو سگهي. حالانڪ ائين ضرور چون ٿا تہ اِهو روحاني پنڌ ڪري، درگاه دراز تي اِنهيءَ مراد ڪونہ ويا هئا. سائي ڳالهہ سائين وويڪانند جي ڪندا آهن. جيڪ طالب ڪان وڏيڪ مطلوُب ڪي پنهنجي دڪانداريءَ جو پرچار ڪرڻ جي چنتا هئي. پر جڏهن رنگ چڙهي ٿو ۽ پوءِ جيڪا حالت طالب جي ٿئي ٿي، سو پاڻ برابر پاڻ آهي. سامي چوي ٿو:-

عاشق ڪن عرض، سدا سڪ سچيءَ جو
درشن درد وندن ڪي، ناراڻ ڏي اڄ
اوديا اونڌه نہ رهي، ڏسي ساڪي سڄ
سڙي وڃي ٻڄ، سامي چئي سنسار جو.

گيان وارتا جي مدنظر ساميءَ جو ساکي سڄ هن سلوڪ مان لکي ٿو:-

سجاڳ ڪرائيندي شبد ڪم ۾ آندا اُٿائين ”ناپ“، معنيٰ ڏن، ’گهٽي‘ معنيٰ نرگهٽ جي نلي ۽ ’دم‘، دامودر ۽ اونڪار، ٻار جو جنم، روحاني رمز اَزل جي ڏينهن جي ٿو ڪٿا ڪٿي جڏهن سرشٽيءَ جي اُٻٽي ٿي. جڻ ته ڇٽر وينو ڇٽي. هيءَ منهنجي ڪلپنا آهي ۽ هيءُ سلوڪ پڙهندي جو ڇٽر مونکي ڏيان ۾ اچي ٿو سو آهي برهما جي ڏن مان گل ٽڙڻ. هن ۾ ٻيو به ڇٽر آهي جو آهي ڪرشڻ ڀڳوان جي مستي ۽ سندس ماءُ جسوتان جو ڪيس نوڙيءَ سان ٻڌڻ جنهن تان نالو پيس دامودر. هت دامودر معنيٰ اِنسان، ساهداري جنهن جي ڏڙ سرير ۾ ساهه ٻڌل آهي جنهن کي دم چوي ٿو ۽ دم جي وصف ٻڌائيندي چوي ٿو ته اِهو دم اونڪار آهي. مصرع آهي:-

دامودر تنهن دم ۾ آهي اونڪار

ڪٿي وڃي ٿو ڏڪ هڻي، دم تو اندر آهي. سو اونڪار آهي. معنيٰ اي بندا! دامودر تون اونڪار آهين! يعني آڪار به نه نرنڪار به تون آهين، جو ڏسڻ ۾ اَچين ٿو. تون نه آهين جو گم به ٿي وڃي ٿو. نه سڀ تون آهين. هيءَ پاڻ سڃاڻڻ جي هدايت آهي ته ڏسڻ جو ڏانءُ سکه ۽ جنهن اهو پاڻ پڙهي هنڌايو سو وڪار ڪونه ويندو. سامي چوي ٿو هيءُ ويدن جو ويچار آهي.

وري اُهڙي انداز جو جيون پل ته دنيا جي ٽختي جي ڪهڙيءَ به ڪنڊ ڪڙڇ ۾ چو نہ پيو گذرندو هجي پر ڪلا جو ست سار ويدن مان ئي معلوم ڪري سگهبو. شاهه جو رسالو به اُهڙو ئي دستاويز آهي. چويٿو:-

روزا ۽ نمازون اِيءُ پڻ چڱو ڪم

ته اُهو فهم ٻـڏهن ڪهڙو آهي جنهنجو واسطو نمازن ۽ روزن يعني شريعت سان نہ آهي. سو فهم جيون ڪلا آهي جنهن جو سنبنڌ ذات پات يا دين ڌرم سان ڪونهي. گيتا ويدن جو سار آهي شاهه جو سر آسا، گيتا گيان آهي. تنهن کان سواءِ سر رامڪلي جوڳي جوڳـــ، ڪماءِ جو گيت هـن دعوي جي پٺيرائي ڪري ٿو. شاهه اِسلامي جهنڊو ڪون ٿـي ڦڙڪايو. سر يمن ڪلياڻ صوفي ڪلام آهي. جو صاف دل سو صوفي. ٻن سرن جي وچ اِهو احساس ٿئي ٿو ته شاهه صوفيءَ ۽ جوڳيءَ کي ٻن ڏنگين ليڪن وچ هڪ ٻئي جو مت ست سمجهي روحاني راز ساڃي ٿو. روحاني راز جي ڪا تاريخ ڪانہ ٿيندي آهي. درويش معنيٰ درويش سو ڪنهن پنٿ جي بنيادي پٿر وجهندڙن جي شمار نہ آهي.

سامي چوي ٿو 'سڀ سڄاڻ ساهه کي.' ۽ تنهنجي

آد شڪت ڪون: ديوتي، تن مان ٿيا پنج ٽت
تنهن ڪون وستار ٿيو، سڀ نياري ناٽت
سڱل ڪري سڀ ڪنهنجو، سامي بنا ممت
لُڙ ڪي هٽي لست، موٽي سمهيو سيج ٽي.

(٢) سرت ۽ نرت

پاڻ پرينءَ ڪئي ذات، ٽڏهن عشق ڏنائون ايلچي.
ريڙهي ويو رهت سان، جتي ڏينهن نه رات.
مٽي ويئي من مان، سامي ڇوي سڀ ٽات
عشق اِلاهي ذات، ٿي ذات سڃاڻي ذات ڪي.

(٣) ڀڳي ڀرم گهڙي

ٽڪي پيئي ٿانءُ، ممت نه رهي من ۾
جڳت ڏسي جڳديش ۾، جڳديش جڳت مانهه
ڳالهه ڇوڻ جي نانهه، ڇڏجي ڪئن ڇپن سان؟

(٤) ڀيد اڀيد سمايا

ماڙيءَ ڪي در چار، ڇئين ٻري مشعالڙو
جاڳي جام تماچي، ٽاڻي نوري نار
مليا گهوٽ ڪنوار، ٽڏهِن سر ۾ ٿيو سوجهرو.

سامي هرفن مولي هر ذهن ۽ رمز ڀري پورڻ آهي. ويدوادي ته آهي ئي. سا سندس دعوي آهي. پر صوفي اَدب ۽ اِظهار جو ٻه پاڻي پانت جاٽو

اِسم وار هن ويد ويچار جو وستار هن ريت ڪري سگهجي ٿو:-

(١) ساري سرشٽي ايشور جي رچيل مايا آهي جا اينديائي پربل آهي جيڏو سرجڻهار پاڻ آهي.

(٢) هر ساهداري ايشوري شڪتيءَ جو قطرو آهي. يعني اَمر اَڏول جوت جو وارث آهي.

(٣) خالق ۽ خلق هڪ ئي ڳالهه آهي. "خالق خلق، خلق ۾ خالق" جو حسابي ڪتابي جوڙ آهي.

(٤) "هيڪڙائي هڪ ٿيا" سا آخرين منزل آهي. ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ آخرين منزل کي "نور محل" جو شرف ڏنو آهي. پنهنجي اڪري ڪلا جو ڪمال ڏيکاريندي نالا بدلائيندو به ويو آهي. ڪٿي 'انيو تخت' ته ڪٿي 'رام نگر' ته ڪٿي وري 'اَڇ'، 'سير' ۽ 'سکپت سيج' به چيو اٿائين. مطلب ته بوليءَ کي شاهوڪار ڪندو ويو آهي. محل کي منار کپن. تخت يا سيج کي پايا کپن. سي گهٽ ۾ گهٽ چار. تنهن ساميءَ جو داموڊر، هيءُ خاڪي جسم نُور محل، چار مينار سينگار آهي. هڪ هڪ منار جي اوساري سامي اکري ايئن ڪئي ٿو:-

(١) ويا پڪتا

عجائب قدرت، قادر رچي ڪل سان

تيڙا چور لڪي، سامي راڄ دربار ۾ چور لڪي تيا معنيٰ لڳا تڏو ٿيو. تڏهن ڪٿ جي جڳهه پريم والاري، تنهن پريم، پرواه صاحب ڪري نروار ٿيو. لڳا، ڪي ڏيڍ لڳا، ڪيڏي ٻاهر ڪيو. جو سامي جو سار ڏول سو شاه جو 'روح رباب'. سر سهڻي ۾ چوي ٿو:-

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاڻان هو حجاب
واڄٽ وڃي وجود ۾، رهيم روح رباب
ساهڙ ري صواب آئون گهڻ رئي، گهوريان

سار ڏول جنهن من مرون کي ٻڌايو ٿي سو هاڻ ڦري انهد جو آواز ٻڌيو، جو روح کي راحت پيو ڏئي.

سامي من جي هن بدليل حالت کي حرفي جوڙ ڏنو آهي 'من امن' يعني من، جو هاڻ من جي ڀاڱ نه رهيو مطلب ته چنچلتا ڇڏي محڪم ٿيو. تڏهن پايو پڪو پدو. هيءَ ضدي اکرن جو جوڙ آهي جو سامي جي ڪلا جي ساک ڀري ٿو. عام طرح سان من امن نه چئبو آهي. سامي سوچاڻي ٿو. تڏهن من اچاه ۽ جوڙ ڪم ۾ آندو اڻائين ۽ ڪئن تو معنيٰ ڪوني. من جو سڀاءُ آهي 'چاه'، ترشنا. سو من اچاه ٿيو يعني ترشنا کان مڪت ته پوءِ من پنهنجي سڀاو جو

آهي. ’عشق ڏنائون اياڻي،‘ ”عشق اِلاهي ذات!“ ڇا حرف آهن ۽ ڇا خيالات جي اُڏام! پر کهڙي نه سنڌي پٽ بند ٿو ڪرائي. ٻولي لس آهي ۽ حرف سولا. پر جيترو سولا اوترو ئي ڳجهه ڳجهاندڙ جي پار آهن. اِها اَديب جي خوبي آهي. ٻڙهي سمجهڻ لاءِ لغت کولڻ جي ضرورت نه پوي. پر دماغ جي ڪوٽ ڪوٺان ڪانسواءِ ڪجهه پلئه به نه پوي. هي پرو ليون آهن.

منزل ڪي ”سيج“ چيو اٿائين ۽ ماڙي به، جت سيج وڇائي پيئي آهي. گهوٽ ڪنوار مان ٿڌهن سيج جس ڪٽي ۽ ماڙيءَ مشعالڙو ٻري. سو ٿيو خاڪي جسم محل ۾ نُوراني نُور جو نظارو جنهن ڪي ”سر ۾ سو جهرو“ چوي ٿو. پر سنڌي ٻار آهي. برابر اَمرت سر ۾ رهيو هو ۽ ڪافي وقت رهيو هو. پر سنڌي اَديب سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي روحاني خزاني جي چاڻ رکي ٿو. ٿڌهن سامي وڏي فخر سان نوري ڄام تماچيءَ جي لوڪ ڪهاڻيءَ جي آڌار سڦل جيون ڪلا جو اِظهار ڪري ٿو. ويد ويچار ۽ صوفياني واري! ڇا ته محفل جي موج مچائي ٿو!

ويڙا ڪرم پيچي ڏسي، پر پيم پرواه ڪسي
ٻڌي گاج سار دُول جي، جيئن مرگهن جوءِ تجي

أپيد جو پردو هٽي ويو. سو ٽيو لڙ کي لت هڻي، ڪثرت وحدت ڪل جي سڪپت سيج تي وڃي آرامي ٿيڻ، نوري جام ٽماچيءَ جيان.

بنياد ڪپي. ڪوئي ٿنيو ڪپي جو محل ۽ چار منار پڪيءَ پيڙه ٺهڪي بيهن. سو بہ ڏس ساميءَ ڏسيو آهي. چوي ٿو:-

سامي ٺڳ لڌو، جنهن ٺڳيو آهي جهان کي
محڪم من ٿنڀي سان، پريم جي دام ٻڌو
ڇڏي ول ڇل پنهنجو، ٿيڙو ٺڳ، تڏو
سهجي ساڳ رڌو، سو ڪائي نت خوشيءَ سان.

"ساڳ رڌو!" ساميءَ گهر جو ڪارخانو ڏنو آهي. پر آهي ڳالهہ نيڪ، حالانڪ ٻرلي مذاقي آهي. ماڙيءَ مٿي محل ۾ جو وهٽو آهي تہ ضرور رڌ پچا بہ تہ ٿيندي. ڀڪ تہ ڪونہ مربو. سو من ٿنڀي کي جڏهن ٻڌي، تڏهن ڪارج سڌ ٿئي. من چنچل آهي. وڪار روپ آهي. پوءِ ٿنيو وڪار روپ ۽ محل نوُر درشن تہ پوءِ بنياد تہ اُلٽو پئجي ويو. عمارت ڪئن ٽڪندي. تڏهن وري "محڪم من" تجنيس حرفي، هڪ اُڪري جوڙ بنايائين.

پر من محڪم ڪئن ٿئي؟ چوي ٿو تہ پريم جي دام ٻڌيس. اها ڳالهہ سيج پيچ تہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي.

۽ رهيو تہ ٿيو 'من اُمن' - سامي چوي ٿو:-

ستگر جهڙو شاهہ، ڪو نہ ڏٺو سين ڪاٿهين
پرچي ڏٺو جنهن پؤر بي، آتم ڏٺو اُٿاهہ
نڪي پڇيائين ذات پات، نڪي پڇيائين راهہ
ڪري من اُڇاهہ، سامي چڏيائين چرن ۾.

هيءَ ستگر ۽ ساڌ سنگت جي مهما آهي جا ساميءَ جي سلوڪن جي خاص خوبي آهي تہ جي چاهين تہ مڪتي حاصل ٿئي تہ ساڌن جو سنگ ڪر جئن شاهہ چيو سستئيءَ کي تہ وڃي مرشد ڪر يعني وٽڪار ڇڏي، واپس وري تن سان مل جن اُڳئي، اِهو پنڌ ڪيو آهي ۽ هيءُ گيتا جو گيان بہ آهي تہ راهہ کهڙي بہ اُچين، جو گرڻ ڪپي سو آهي صاف دل معنيٰ 'من اُمن'. هيءُ ساميءَ جي گيان وارتا جو مرڪزي منتر آهي. جنهن هيءُ منتر گرهڻ ڪيو سو سامي چوي :-

چرخو پڇي چاهہ جو وحدت منجهہ ويو

ويدانتي ٻول ۽ صوفيانو لباس - چوراسي لکہ جوٽين کان مڪتي حاصل ٿئي. خاڪي گهڙو اِنسان پرمن جو پندار آهي. هاڻ پرم سڀ ٻجي ويا سو ٿيو سر ۾ سوجهرو. يعني سرت ۾ نرت جي حالت جڏهن جيئري ٿي ذات لڳي ڪي سڃاڻڻ ۽ پيد

مواس ٽڏو ڪٿن ٽٽي؟ چيائين 'سارڊُول' وڃاءِ.
سارڊول هڪ وڏو نقارو آهي جو شڪاري وڄائيندا
آهن ته مرون پنهنجن ٻرن مان خوف وچان نڪري
ٻاهر ٿين ته شڪار ٿي وڃن. سارڊُول جو آواز مرونءَ
جي ٻر ۾ گونجندو آهي ۽ هوُ ٻڌندو آهي.

مَن تہ مار ڪانسواءِ باز اچي ڪو نہ. تہ ڏھن پريم جو نسخو ھٿ ڪٿان ڪارگر ٿيندو؟ نگــــ، لفظ ڪم ۾ آندو آتائين جنھن کي ٻہ معنائون ڏيون آتائين جا حرفي ڪلا آھي. ھمٿ رکي آتائين. نگـــ، معنيٰ ڀڳوان، جو نگن جيان جھان ۾ گھمندو ٿو ولي ۽ نگـــ، معنيٰ چور، مَن جي اندر ئي اندر ڪاٽ پيو ٿو ھڻي ۽ ٽوڪي سمڪ ڪانہ ٿي پوي. ھڪ تشبيہ پسند تصوير چٽي ٿو احوال ڪري تہ:-

سوئي سپاهي، جو ماري مَن مواس کي
جوڌا پنج جيتي ڪري، گھوڙي جا گاھي
چڙھي ٽئي چوڏول ۾، رام نگر راھي
ڏھہ دس دھائي، ڦيري ڦرني فوج ري.

ڦرني ري ۽ ڦرڻ آھي ساڳيــ، رڏي خوش ٿي ويھي ڪائڻ. مَن مراد ساڳيائي پر تشبيہ ٻي ۽ تجنيس حرفي ڪلا بہ وزندار ۽ ھيءَ تصوير سندس ھجرگوُ ڪلا جي بہ ساکـــ پري ٿو. مَنش سمجھي ٿو تہ مان ڪا ھستي آھيان ۽ مڇ کي تاءُ ڏيئي ھلي ٿو. پر اِھا خبر اُتس ڪانہ ڪا تہ پاڻ کي نگي ٿو پيو. سماج سڌارڪ، ھجو گوُڪلا جو استعمال جتن جو ٽئن ڪندا آھن. روحاني رھبر ديھہ ايمان کي ھڪ وڏو مرض سمجھندا آھن. ھيءُ سپاهي بہ ديھہ ايمان جو شڪار آھي. ھاڻي اِھو نگـــ، مست گھوڙو مَن

ٻئي حرفين حرفن جي حرکت آهي، خيال مڪمل آهي. نہ پوءِ ثالث ئي آهي نہ وارث ئي آهي. معنيٰ ڪل پاڻ آهي.

پر پوءِ داغ ڪٿان ٿو لڳيس؟ ڇيائين ڇهڻ ۾ ٿو اچي. چوي ٿو:-

نماڻن جو ماڻ، پلڪ پرانهون نہ ٿئي.
وهان نہ وهي سامهون، ڏسان تہ ڏسي پاڻ.
سامي پرڪ سڃاڻ، هٿ لائي هٿ نہ اچي.

'هٿ لائي هٿ نہ اچي' ڇا پرولي آهي! پاڻ اسان کي هٿ لائي ٿو پر پاڻ ئي هٿ لڳائڻ نٿو ڏئي. ڏسي ٿو، پر ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

هيءَ ويدانت مت آهي تہ جو ڪل فعل جي ڪلا سوئي امورت، افعل ۽ اڪال آهي. هيءَ سلوڪ پرولي آهي. باطني ظاهري ڀيد ڀيد جو وستار آهي جو زبان جي ذڪر کان ٻاهر آهي. يعني جنهنجو صرف احساس ئي ٿي سگهيٿو. چون ٿا:-

انيو اِشارت، سمجهي ڪو سورمو
جو ڳٽي ڪين اندر ۾، ويلاءِ وقت
جاڳي ڏئي سب جڳ جي، ليکي الي لت
لنگهي' پنجئي لت، اسٿت ٿئي آنند ۾.

سنڌي لوڪ ڪهاڻين تي چڙهيل روحاني رنگ

وياپڪتا

جنهن مان اُٿي وِس، سو وياپڪ آهي وِس ۾
پائي منهن مهراڻ ۾، ڏيئو ٻاري ڏس
سامي چنڊ آلس، جاڳ ته لهين سپرين.

دنيا ضدن جو فسانو آهي. بنياد سرجڻهار جو وڏل آهي. خود ضدن جو جوڙ آهي. وياپڪ آهي. پر اليپ آهي. گڻوان آهي، پر گڻ به ڪونهيس. يعني ته جنهن حساب گڻ جو ضد اَوگڻ آهي تنهن حوالي سرجڻهار گڻوان نه آهي، هو گڻ اوگڻ کان ثالث يعني نرالو آهي. نرليپ آهي، جنهن کي ڪوئي ليپ يعني داغ نه لڳي. تڏهن گڻوان جو حاصل مطلب ڇا؟ سا ڪٿا سامي پنهنجي اَنوکي رمز ڪٿي ٿو.

'وس' ڪثرت جي اَنداز لفظ آهي. ٻرپٽ جو ضد آهي. 'وس' معنيٰ وسيل. پر "جنهن مان اُٿي" سو ٿيو واحد. مطلب ته وحدت مان ڪثرت ٿي. ٻوءِ اڳتي هلي ڇا ٿيو؟ 'وس' ۾ سمائجي ويو ته ٿيو وياپڪ. يعني "ڪثرت وحدت ڪل" هيءَ سامي ٿو چوي يا شاهه؟ چيائين ٻئي. خيال ساڳيو. اَحوال ٻئي

سيد جو سچو ٻن، سامي ۽ جو ست ٻرک، ۽ شاه جو پنهون، سسئيءَ لاءِ. ان جي ٻوليءَ ۾ لڙ آهي. سسئيءَ هن لڙ لوسائيل هئي، طالب هئي ته، وڃ واپار لاءِ وڪار وئي هئي، پنهونءَ جي ڪوچ ۾، پر شاه هن کي سمجهائي، ٽاڻي گهر وني آيو ته "پائي منهن مهراڻ ۾" "منجهي ٻيهي نس". تڏهن سسئيءَ انيو ڪيو ته:-

ٻيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ
ته نڪو نگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

سسئيءَ جي ديهه وديهه، ئي وئي. مطلب ته، ظاهري عاشق سسئي، باطني معشوق پنهو ٿي پيئي ۽ 'منجهي' عشق جي مشق پڇائڻ لڳي.

مومل ٻئي درجي ۾ آهي. ويا ڪتا جي حساب ٻئي برابر آهن. پر سسئي پاڻ پنهو ٿي پئي- پنهو رهيو ئي ڪونه پر مومل راڻو هر جڳهه حاضر ناظر ڏسڻ لڳي. پاڻ به رهي ته راڻو به رهيو. 'چوڏس چتاڻو' ۽ 'راڻو ۽ راڻو' هي مومل جي احساس جا واڪ آهن،

جي سامي ۽ جي هن مصرعسان جڙي ٿا اچن:-
وهان ته وهي سامهون، ڏسان ته ڏسي پاڻ.

مطلب مومل دل جي حساب ته اٿڻ، وهڻ، ڏسڻ سڀ حصي رسيءَ حساب راڻي جو فعل آهي ۽ حالت

هن اُنهيءَ اِشارت جو ڪمال آهي. پنج تت پناو آد شڪت جو اولاد آهي. سو تہ بندو پاڻ ٿيو، تہ پاڻ ڪان پاڻ ڪيئن لنگهي ويندو؟ يعني تہ پنهنجو ديهہ اُيمان ڇڏي تہ پاڻ ڏسي، هيءَ سمئيءَ جي کهاڻي آهي ۽ هن سلوڪ سان گڏ وڏ يڪ خلاصي ٿي پيهندي.

سداءِ مهمان، گرمڪ، جاڻي پاڻ کي
سائين سچو مهر ڪري، هٽي سيتل پاڻ
منجهي ديهہ وديهہ ٿئي، ڇڏي پنهنجو پاڻ
سٽ پرڪ ساڻ، ميلو ڪري مگن ٿي.

پڇاڙيءَ جون ٻہ مصرعون مطلب واريون آهن. ائين سمجهي تہ هيءُ هڪ ديهہ وديهہ جي نالي سان مضمون آهي، ديهہ، وديهہ معنيٰ ديهہ ديهہ نہ رهي. جئن من اُمن ٿئن ديهہ وديهہ. ٻر "منجهي" يعني ظاهري ديهہ کي باطني ڏهہ ٿالي ٿنجي پاڻ ڏنائين سڀ ۾ يا ڇئہ تہ سڀ ڏنائين پاڻ ۾. سو ٿيو 'ليکي اُٿي لت ڏيڻ' ليکو ٻن جي وچ ۾ ٿيندو آهي. هيءُ دوئيءَ جو دليل آهي جو گمان ۽ عليل دل جي نشاني آهي جنهن جي هجي سيد عبدالڪريم هن ريت ڪري ٿو:-

اُسين سڪون جن کي، سي اُسين پاڻ
هاڻي وچ گمان، صحيح سڃاتو سپرين.

عشق ايلچي

پاڻ پرين ۾ ڪئي ڏات، تڏهن عشق ڏنائون ايلچي
ريڙهي ويو رهت سان، جتي ڏينهن نه رات.
مٿي ويئي من مان، سامي ڇڙوي سڀ تات.
عشق اِلاهي ذات، ٿي ذات سڃاڻي ذات کي.

عشق ڏنائون ايلچي! حاڪم جو عيوضي، تنهن کي ايلچي چئبو آهي. جنهن شهنشاهه جو عيوضي عشق سو شاهن جو شاهه پاڻ ڇا هوندو؟ عشق جو جنم داتا! بلڪل صحيح، جئن بيدل فقير جو ڪلام آهي :-

عشق جو جامو پهري صورت منجهه سمائين.

عاشق - عشق - معشوق. عاشق ۽ معشوق! اِسمن کي جوڙ ته ڪپي. سو عشق جي زير. عشق حرف جملو آهي. پر عشق جڏهن ڪا صورت اختيار ڪري ته ڇا سڏائي؟ عاشق ڪ معشوق؟ جيڪي به سڏائي پر هاڻي عشق حرف جملو نه آهي. اِسمي صورت جو اُتس. پر جي اِها صورت اختيار ڪري ته عاشق سڏائي يا ڪ معشوق؟ صورت اختيار ڪرڻ تيو سرت ۾ اُچڻ جنهن کي سرجيت حالت چئبو. اُن ڪان الڳ جي حالت ڇا هئي، تنهنجي

فاعلي راڻي جي آهي، پر ”ڇهڻ“ مصدر جي ترڪيب ۾ نٿو اچي، جا مؤمل چاهي ٿي. پر پوءِ جڏهن ائين نه ٿي سگهيو تڏهن چيائين ته ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ ڪل راڻو ئي راڻو نه آهي. پر سستيءَ سان ”ڇهڻ“ جو سوال ئي ڪو نه هو. پاڻهين نه سڀ ڪجهه هئي پوءِ ڇهي ڪنهن کي؟ حاضر ۽ ناظر پاڻهين؟ هئيءَ جو درجو آهي.

لنگهي پنجئي تست، اِستت ٿئي آنند ۾.

يعني ديهه وديهه ٿي ۽ پاڪ جا قند ٽوڙي قرني ڪان فارغ ٿي ويهي رهي پنهنجن پرکن ۾.

اَهڙي رنگ رچن، سي عاشق معشوق ٿيا.

پڇيائين ته وچ جو مروٽو ڪنهن ڪاڍو؟ چيائين 'سا حالت فاعلي عشق جي'.

هي سامي آدم جي ڪهاڻي ڪئي ٿو. رمز پنهنجيءَ پر چاپ صوفيانيءَ. عشق جي زير بار شاهه خاڪ جو پتلو بڻايو هو ۽ آگ جي بودلن کي فرمان ٿيو ته هن اَشرف ال آدم کي سلام ڪيو. سڀني ڪيو. پر هڪ نه ڪيو، جنهن جو نالو عزازيل هو. تڪبر جي ڪري اِنڪاري ٿيو هو ته آگ ڪئن سجدو ڪندي خاڪ جي اڳيان؟ اِنحرافيءَ جي سبب سزا به پاتائين دوزخ جي زندان جي. پر آخر ۾ سا به شڪتي هئي. ڪيڏي ڪٽ ۽ وِٽ؟ تنهن جواب عزازيل بندي جي جسم ۾ پرويش ڪري ويٺو پنهنجو زور آزمائڻ لاءِ. سامي چوي ٿو:-

چيو وچي نه من، ڳاڙهو، ڪارو، قمرو
جنهن کي ماءُ نه پيءُ ڪو، نڪو ديس وطن
ڪن ۾ ڪري خيال سان، ٽيئي لوڪ ڳمن
ڪڏهن پئي ٿئي پرسن، ڪڏهن سامي روئي راج ۾.

ته عزازيل جو نالو 'من' شڪتي آهي. سامي چوي ٿو ته اِنهيءَ کي به ماءُ پيءُ ڪو نهي. پوءِ اها به ته پربل شڪتي ٿي ۽ سا به اهڙي پربل شڪتي جهڙي

سمڪ سرجيت جيو کي خبر ڪا آهي. پر ڪجهه نه آهي.

سرت جان سرجيت جيو، جنهن کي سامي چوي ٿو "نور محل" يعني نُور جو درشن. نه پوءِ چو نه چئجي نه سرت ۽ نرت معنيٰ جيو، يعني ظاهريءَ ۽ باطنيءَ جي پرڪاش، برڪت ۽ برق، پر اها برق معنيٰ نور شڪتي اهڙيءَ رمز سمايل يعني پڪڙيل آهي جو ٻنهي هڪ ٻئي جي معنيٰ ٻڌائين ۽ سمجهائين ٿا. سرت نرت جو وجود آهي نه نرت وري سرت جي باڪ آهي. جي فنا نه ٻئي فنا. جي بقا نه ٻئي بقا. فنا جو سوال ڪونهي ڇاڪاڻ نه اکين کي دوکو ڏيئي نٿا سگهون. نه باقي پاڇي ٿيو بقا ئي بقا. سو ٿيو ذات جو ذات کي سڃاڻڻ نه ٻئي ذات "سر" آهيون. پوءِ عاشق سڏائين يا معشوق پر آهيون "عشق جا اوتار" نه ذهن من ۾ هاڻ ٻي ڪا ٽات نه رهي.

هيءُ ڪو منهنجو نظريو نه آهي. هيءُ ساميءَ جو فيصلو آهي ته:-

عاشق سي چئجن، جن لئي عاشق پاڻ ٿيو.

يعني نرت ٿي عاشق ٿئي سرت لئي. تڏهن ٿو ودائي سامي چوي:-

جهڙو سنگ تهڙو رنگ. هيءَ سامي جو عقيدو آهي ۽ تنهنجو پرچار ڪندي چوي ٿو:-

بنا ست سنگت جي، وهڻ منجهه وهي
سامي ڪئن لهي، پنهي ڏيئي پار کي

'عشق اگم ۾ آءُ!' ست سنگ عشق جو اُڳڻ آهي.

اُت عشق اپار جي دونهين پيئي دکي. اِتاهين جا چڻنگ توکي لڳندي سا تنهنجا ڪپاٽ کوليندي. تڏهن توکي ياد ايندي تہ ڏينهن اَزل مٿي عرش جا توکي سوغات عشق جي ڏان ۾ ملي هئي سا تو ڪٿي کوهي ڇڏي؟ عرش مٿي خدا عاشق هو ۽ تون معشوق. اِها ياد تازي رکـ. اِنهيءَ ياد جي زوربار تون دل اندر درد جو احساس ڪندين ۽ هلندي چاندي پار کي کوهيو پيو سمجهندين. اِها عاشق جي نيشاني آهي. معشوق جي تلاش ۾ آهين، جر ڪنهن وقت تنهنجو درجو هو، تہ معشوق عاشق ٿيو. هاڻ تون اُپي ٿو وهين. پنهي ڏيئي ٿو پيو هلين. يعني اسار سنسار کي تو ست سمجهو هو ۽ سنساري سکن جي تلاش ۾ رلندو بہ ٿي تہ کاڌءِ بہ ٿي. هاڻ اِهي سکـ، تون اڪ سمان سمجهين ٿو. تنهنجي اِنهيءَ بدليل حالت جو احوال ڏيندي سامي چوي ٿو:-

ايشوري شڪتي، جو ايشور کي ٻه ٽه ماءُ پيءُ ڪونهي. هاڻ هن پروليءَ جو حل ڪٿان نڪري، جو اِنسان مٿن کي مات ڏيئي پنهنجيءَ هستيءَ حق ڄمائي.

'پني ٽٽي پرسن' ۽ 'روئي راڄ ۾' هي ٻه حالتون آهن. ٻنهي حساب اَحوال بدتر اَٿس. راڄ ڀاڳ لڳو اَٿس، ته به روئي ٿو پيو. ٽيون ترشنا جي وس پاڻ هوندي، پاڻ پروس ٿي پيو آهي. گهٽي ۾ گهٽو ڪپي. تڏهن هوندي مال به روئي پيو. حالت خراب اَٿس. پنيو ٽڪر ڪائي ٿو گذران ڪري ته به منهن موڙي ڪنهن ٻئي طرف دوا درمل جي کوج نٿو ڪري، اَهڙو پنهنجو پاڻ پلائي ويٺو آهي. هيءَ "ڏيئي ٽاي اڌيري" جي حالت آهي. من مواس جي وس اچي هيءُ ٻاهر ڀٽڪي ٿو ۽ دل جي ڌاقي کولي نٿو. تڏهن سامي چوي ٿو:-

ٽون ته موڙي من پوُن کي، سامي اَندر آڻ.
ساميءَ ته نيڪ چيو، پر کهڙيءَ چٽنگ چٽنگائيءَ

جي چوٽ من کڙهو پنهنجي ڪذيءَ چوڻ چرڻ، ڪنڌن ڪائڻ جي عادت کان باز اَچي. تڏهن سامي ورائي اَوائلي واڪ جي ياد ڏيار يندي چوي ٿو:-

آهي هڪ اُپاءُ، جنم مرڻ دڪ ـــ سوُر جو
سامي ست سنگت سان ملي، عشق اَگم ۾ آءُ.

صورت جو سلطان، ٻار کي اسم عام سڏائيندو آهيان.
اسم خاص ٻه مان آهيان. سو ڪو عام جو ضد خاص
نه پر بطور سمجهاڻيءَ هڪ حسابي اشارو آهيان.
حساب چڪتو ٿيڻ تي اشارو غائب ۽ نظارو قائم؛
جو آهي الف (ا) مد آ آدم جو ۽ آتم رام جو
ورائي هڪ ٿي وڃڻ.

عاشق چاڻن اڪ، سامي سڪ، سنسار جا.

معشوق عاشق ٿيو. عاشق ضرور معشوق ٿيو هوندو؟ ضرور. اِهو درجو هاڻ خدا جو آهي. تون طالب آهين ۽ هوُ مطلوُب. تڏهن چئبو ته تو برابر من پرين جو منهن موڙي اَندر آندو. هاڻ تون من جي 'ڦرني ڪان فارغ' آهين. جڏهن اِها دل جي صفائي ٿو ڏني ته پوءِ "مرد ملاح" پرچي، توکي پنهنجو ڪندو، هاڻ، اِهو سوال ته عاشق ڪير معشوق ڪير، معنيٰ چڏي بيٺو آهي. سڀ عشق ئي عشق آهي. ته پوءِ ڪنهنجو ورثو ۽ ڪير وارث؟ چيائين سوال ئي نٿو اُٿي. هيءُ اُهو ورثو نه آهي جو ڪنهن جي مٿي پڇاڻان ملندو آهي. هيءُ اَمر ورثو آهي ۽ تون اُها نجوڙي آهين. ڪنجي تو وٽ آهي. لڳائين نه لڳائين، اختيار تنهنجو آهي. جن کي اِهيءَ اختيار جي ڄاڻ آهي تن لاءِ سامي چوي ٿو:-

گهڙي لڌائون گهر مون، اَنيٺي آتم گيان.

آتم گيان معنيٰ پنهنجي سرنامي جي ڄاڻ پهچاڻ ته مان ڪير ۽ ڪٿي جو رهواسي آهيان؟ مان اِسم آهيان، اِسم ذات، گڻن جي کاڻ، شڪتي آهيان. پنهنجي مرضيءَ صورت اختيار ڪري سگهندو آهيان.

سهڻي جيان سير چڙهي، مري مشاهدو ماڻ. ڀڪي ڪ
ڪڇي دلي، سؤدو پيار جو آهي.

ٻيو شڪايت آهي ساميءَ جي ته وڻجارو ٻنهي جهانن کان ڀاڻ وڃائي ويٺو آهي. نه ته ٻه گدرا هٿ ڪرڻ سياڻپ نه آهي، پر هڪ ٻه گدرو هٿ ڪرڻ نٿو چاهي. پنهنجو هٿ کولي نٿو. ٻئي جي هٿ تان اک، هٽائي نٿو. تڏهن ليلان، چنيسر وڃايو هوءَ سنواريل سيج بگاڙي هئي. تنهن ڳالهه ساميءَ آرمان آهي. مايا نانگڻيءَ اِشارو ڪري چوي ٿو:-

ڏنا ٻڌا ڪين ڪي، سي وهڻ پيئي وهائي
وجهي جار پريم جو، پلا پيي ٿي پلائي
پنهنجا ڪيو ڪائي، ڪنهن جي چلي ڪانه ڪا.

"پنهنجا ڪيو ڪائي،" چا ته گفتو آهي! سيٺ ٻت ڏياريءَ رات پوڄن ڪري سيج پلنگ سينگاري سٿو. رسوئي گهر ۾ ديگڙن مان ڪٽن ٻلن به ڪائي رڄ ڪيو ته ٻه مال ٻچيو پيو هو. تنهن سيٺ کي لڪشمي ماتا درشن ڏنو. ڏاڍي: مٺڙي آواز پڇيو، "اَبا ڪجهه کپيئي؟" "ها ماتا! مون مسڪين تي ديا ڪر." "هان وٺ اَبا." ٻندو بي ايمان ڪڳيون ٻيو هٺي ته لڪشمي ماتا ۾ ڪيتري نه پنهنجائيءَ جي ڀاونا آهي. ٻر پريم جي ٻولي ٻلايل

ساردُول

ويڙا ڪرم ٻڄي، ڏسي پريم پرواهہ ڪسي
ٻڌي ڳاج ساردُول جي، جيئن مرگهن جوءِ ٽڄي
ٽيڙا ڇور لڄي، سامهي راڄ دربار ۾.

حقيقت يا ڪ حڪايت! ڪمي ڪنهن پرڪار ڪانهي. پوءِ بہ شڪايت! سو ڇو؟ هيءَ معاملو آهي جنهن چڪر سنسار جو سلسلو هلي رهيو آهي، پر لڳم تڏهن ٿيندي جڏهن اِها اُلجهڻ ساجهي. پر نہ اِنهيءَ ڳنڍ پيچ ڪلي نہ پرلڳم ٿئي پر ٿئي بہ ڇو؟ قدرت آهي سا سدائين قائم آهي پر آهي عجب رنگ اِسرار، جو سدائين رازئي رهندو.

حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪي ڪي بہ قدرت ۾ ڏسين ٿو سو تنهنجي قد بت جو مقدار آهي. حالانڪ تون ٿادر نہ آهين. تنهنجو سرير تنهنجو ساز آهي. وڄندو تنهن سر جنهن رمز تون تند ڇوريندين. ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍڻي نہ آهي.

حڪايت آهي تہ تون پاڪ ذات جو پاڪ جزو آهين. يعني اَنوت انگ. چاهين تہ سڀئيءَ جيان پاڻ پنهون سمجهي، پاڻ پرچي پاڻ سان، هن پار ويهہ، يا

کان ٽون پاسو ڪري هل. اِهي ڪُن آهن، سي ٽوڪي پاتال پسائيندا ۽ سو اَهڙو پاتال آهي جو اُن کي ترو ئي ڪونهي. چڪڻ آهي، جهٽ ڪري وٺندءِ. سڪ، سمهڻ نه ڏيندءِ. مايو ته ملڻ جي ماڳ، جو اَتيئي سو پڻ کوهي وهنديون. اَگر ٽڳر ويندءِ. سي چور ڪرم اَتيئي. ٽون کو اَهڙو ڀلا ڪرم ڪر، جو اِهي چور لهي تين ۽ سو ڪرم آهي ساردُول تي ڏونڪو هڻڻ.

سامي چترڪار آهي ۽ تنهن ڪلا پنهنجو مت پاڻ آهي. جيون سڪو آهي. سڪي پاسا ٻه. هڪ پاسي ڇاپ لڳل آهي شڪار گاه جي ته ٻئي پاسي راڄ دربار. شير شيطان جو شڪار ڪرڻو آهي. شير پنهنجيءَ غفا ۾ وينو آهي. ٻاهر نڪري ته شڪار ٿئي. من غفا آهي. شير جو شڪار ڪري، زنجيرن ۾ جڪڙي، جرابدار ملزم جي حالت ۾، هن کي راڄ دربار ڏرمراء جي ۾ حاضر ڪرڻو آهي. هيءُ جيون جو سڪو ۽ اُن جو سار آهي.

شڪاري شڪار تي هلندا آهن ته پاڻ سان ٻياٻي ڪٽندا آهن، جي ساردُول وجائيندا آهن. هيءُ نغارو آهي. ڏونڪو لڳو آواز ٿيو. اُن کي ساردُول جي گاج چوندا آهن، سا جڏهن مروُن پنهنجن ٻرن ۾ ٻڌندا آهن ته ائين سمجهندا آهن ته هاڻ اُت سندن

نٿو ڄاڻي ته مايا درخت جي ڇايا ۽ گهر جو ٻاڻي آهي. دولت معنيٰ دو وقت ۽ ٻه لٽون. اچڻ وقت اڳيان لت هڻي ته سينو سيڙهي هلي ۽ وڃڻ وقت پٺيان لت هڻي ته ڳڪ ڪڍي ڇڏي جهٽڪ ڪيو ٿي وڃايل مايا ٿو ڳولهي، جا هاءِ! هٿ اُڇيس ڪانه ٿي.

هيءُ مرض آهي. "مايا ڄار" نالو اٿس. طبيب پڇيو مريض کان، "اَبا ڪر خبر ڪهڙيءَ ويل ڦاٿين؟" اُتر ۾ مريض آکيو، "سائين پنهنجي شوق. نه ڪنهن ميڙ منٿ ڪئي، نه ڪنهن زور ڪيو." ڇا ته ساميءَ جي رمز آهي گيان ڪٿڻ جي! وري جو نسخو ڏسيو اٿس سو سنڌس ساهتڪ چتر ڪلا جي ڪمال جو ٻي نظير مثال آهي. نسخو نالي "ساردُول" آهي. سلوڪ اٿس :-

ويڙا ڪرم پچي، ڏسي پريم پرواه ڪسي
ٻڌي ڳاج ساردُول جي، جيئن مرگهن جوءِ لجي
تيڙا چور لڳي، سامي راڄ دربار ۾.

'پرش پرڪرتي' هيءَ جيو مائر جي کاڻي آهي سا سونهائي تڏهن جڏهن وچ پريم جو واهه وهي. پر ياد رهي ته پريم جو وهڪرو پرش ڏي ۽ نه ڪ پرڪرتيءَ طرف وهي. اُلٽي ته ڄار وڃائي پيئي آهي ته پوءِ جي ڪرم لوکي اِنهيءَ مايا ڄار ۾ ڦاسائين ٿا

سواڳڻ

جاني جام ٽماچي، ٽاني نوُرِي نار.

هيءَ ڪير ٿو ٻولي! هي ڪنهنجا ٻول آهن! سامي ويدوادي يا شاهه تصوف گيانيءَ جا؟ ڇيائين- هيءَ گيان جي وادي آهي. ڪير به گهمي ڏسي؛ ڪير به واڪ ٻولي ۽ ٻڌي سگهي ٿو. "دل جو مندر کولي، ڏس ته ڪير ٿو اندر ٻولي." دل اُها وادي آهي، ماتري آهي. دل سڀ ڪنهن کي آهي. اِنهيءَ ماتريءَ گهمي ڏس. اِنهيءَ ٻڌ ۽ ٻير ڀائي ڏس ته ٽوکي ديرو ملندو دوست جو. "ڏي ٽبي لهه ٽول" هيءَ ڏس آهي.

هيءَ فيلسوفي آهي سنڌي اَدب جو نشان. بنياد آهن سنڌي لوڪ ڪهاڻيون. سنڌي اَديب سنڌي لوڪ ڪهاڻين کان ڀاڻ ٻچائي نٿو سگهي. ٽنهن ۾ شاهه ته ملوُڪ آهي، جنهن سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي آتمڪ رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي. پر ساميءَ به اِنهي ڏس ۾ ڀاڻ جڻن جو ٽڻن ماهايو آهي.

ورچي منڊ ۾ ويهه، ڪاهه ته ڪيڇين کي ماڻين.
ويهه م منڊ! ڀنيور ۾، ڀنيءَ ڪيڇين ڪاهه.

رهڻ خطري کان خالي نه آهي. تڏهن ٻر چڏي وٺي پڇندا آهن. پڇڻ کهڙو هو؟ اِها ته ٽِل هڻي کيس شڪار ڪرڻ جي. جوءِ ڇڏيائون، جان وڃايائون. جهٽڪ جهانڪو ٿي ويا. پوءِ رسوئي گهر ۾ ديڳڙي ۾ پيهي، ساڳئي ڪري ڪائي خوش ٿي ويٺا. سو سڪي جو ٻيو طرف. مطلب سڀ جيئون ڪلا سمپورن.

سارڌول وڳو. مروُن پڳو. شڪار ٿيو. پر آواز جا ٻول کهڙا، جو من ٽنگي ٻڌي ۽ تڏو ٽڙي. چيائين سو 'پريم پرواه' جو ڏونڪو يعني سڀ جڙ پلو، تنهن ۾ تنهنجو ٻلو. هن نيت، جو ڪم ڪري، تنهن جا ڪرم سڀ پڳا. اچا رهت ڪرم چوراسيءَ جي چڪر ۾ نه وجهندو آهي. هيءُ وشو پريميءَ جو گڻ آهي، جنهن و ياکيان هيءُ سلوڪ آهي:-

جهيڻ پاڻيو پاڻ، ملي ساڌ سنگت سان
سو سامي رکي ڪين ڪي، وير ياءُ ڪنهن سان
سڀ جڙ گهري ڪلياڻ، پريتم جاڻي پنهنجڙ.

هيءُ شاه جو صوفي آهي، جو ويرين جو ٻه واهرو ٿيندو آهي.

عاشق جو أحوال ڪندي، سامي ءَ سورٺ راڳ ڏيا ڄ
جي ڪهاڻيءَ اِشارو ڪيو آهي.

عاشق جي آهين، نه صرفو ڇڏ سر ڌڙ جو
ڏيئي سر سائينءَ اڳيان، ڀير اڳي پائين.
لوُن لنوَ لڙون لائين، سامي سپرين سان.

سامي شاهه جو ٻيجل آهي. ٻيجل به راڳ کي عاشق
جو پاڻ اِنهيءَ سر پڙهايو ته-

سٽ ڏيئي شهباز تي ته، توڪ ڀرائين.

تڏهن شاهه جو عاشق راڳ تو سڏ اونائي ته -

سر نه آهي سٽ ۾، پر ٻيو ڪو مڳ ڄ دان

'صرفي' جو سوال ڪونهي. ٻيو ته جي ڪجهه
گهرين ته اُهو پي ڏيان ٿو. سر جي ته توسان شرط لڳل
هئي. سو نه اُنجي پوُرتيءَ تو ڏيان ٿو. مهرباني ڪو نه
تو ڪريان. تنهنجيءَ تند مونکي مستانو ڪيو آهي،
سو به ايتري حد جو:-

مٿو موُر نه پاڙيان، تنهنجيءَ تند تنوار.

شاهه چويٿو "توڪ ڀرائين." جنهن لاءِ سامي چويٿو
"ڀير اڳي پائين" يعني منزل تي پهچڻ، سي اُهي جي
سر جو سانگو نه رکن.

پر ٻوڙي جام تماچيءَ جي ڪهاڻي ، ساميءَ

ڪهاڻي سسئيءَ پنهونءَ جي آهي. واڪ ساميءَ ۽ شاهه جو آهي.

ڏوريندڙن جو اُتي ڏيهه، ويندن تي واري وري.

سسئيءَ کي سڄاڻ، ڪندي هيءَ سامي ٿو چوي ۽ تنهن برابر شاهه ٿو چوي:-

ڪر ڪو واڪو وس، پير پنهونءَ جو پس.

هيءَ سنڌي لوڪ ڪهاڻي آهي. طالب جي دين ڌرم جو سوال ڪو نهي. طلب يعني نسخو ساڳيءَ چاپ آهي ته جن پڇيو تن پاتو. سچو سلوڪ آهي:-

ورچي منڌ م ويهه، ڪاهه ته ڪيچين کي ملين.
ساجهريءَ سامي چوي، پکي پنهل جي پيهه.
ڏوريندڙن جو اُتي ڏيهه، ويندن تي واري وري.

ڏاڍيءَ رمز نراليءَ ساميءَ عاشق ۽ سڌڙي جو ٻه اَحوال ڪري ڇڏيو. عاشق، جو ساجهري اُتي ڏوري يعني پنهل جي پکي جي پڇا ڳاڇا ڪري.

سڌڙيو:سو جو تڏو ماڃهاندو ڪيو ويٺو هجي. تجنيس حرفيءَ فن جو ساميءَ کي شوق آهي. هر هڪ مصرع تنهن فن جي ساک، آهي. نوان جوڙ ٻه ٿو ڪم م آڻي. رواجي طرح 'چرٻي چڙهي' چوندا آهيون. ٻر ساميءَ "واري وري" حرف ڪم م آندا آهن.

ڀڄڪو ٿيو، سي أصلي خاندان جـون هيون. ڄام جـو لاڙو لٽين نوڀاي نار ڏانهن. ته رنڊڻي رولو ٿـ پوندو ئي. هن حال جو أحوال ڪندي سامـي چويٿو:-

سپ ڪا ڇڪي ڇڪ، ته آنءُ سهاڳڻ شاه جي.

ڄڻن شاه چوي:-

سمبون ڪري سينگار، راءِ ريجهائڻ آئيون

نار جو رينگٽ بند ڪرائڻ ئي ڏاهپ آهي. تڏهن حاڪم هڪ ڏينهن مقرر ڪيو ته سپ هار سينگار ڪري وڃن. جيڪا سرس ثابت ٿي، تنهن کي ساڻ ڪري گهمائڻ وٺي ويندس. سپ ڏکڄي ويئيون، سواءِ هڪ نوريءَ جي، جا أنهيءَ أباڻي لباس ۾ رهي ۽ جڏهن حاڪم آيو ته، نذرانو ڇا پيٽ ڪيائين؟ نياز ڀريا نيڻ ۽ أباڻا ٻيڻ ۽ پابوڙا. هڙ حاصل ڇا ٿيو؟ شاه چوي ٿو:-

راڻن ملان رات، ماڻڪ مي پرايو.

'مي' معنيٰ مهاڻيءَ، ٻين سيني راڻين جي 'ملان' معنيٰ وچمان ماڻڪ لال جواهر حاڪم ٿي جيت پاتي. ڇو جو:-

مهاڻيءَ جي من ۾، نه گيرب نه گاڻ.

ڪنھن حد تائين وڏ يڪ شوق سان ڪنئين آھي. جا
شاھ جي 'نوري'، سا ساميءَ جي 'سھاڳڻ'. چوي ٿو:-

سھاڳڻ سائي، جنھن کي پر پر چيي پنھنجو ڪيو.
ٻنا ھار سينگار جي، خصم کي پائي.

ھيءُ سلوڪ نوري جام تماچيءَ جي ڪھاڻيءَ تي ٻڌل آھي. ھيءُ پرڪ، جي وقت جو بيان آھي. نوري مھاڻي برادريءَ جي نينگر. ڪينجھر ڍنڍ جا رھواسي مھاڻا. حڪومت جام تماچي حاڪم جي. ٺٽو نگر ڪراچيءَ جي ويجھو سنڌ جي حڪومت جو احوال. حاڪم ڍنڍ تي ٻيڙيءَ چڙھي سير شغل ڪرڻ نڪتو ھو. مھاڻن جي بستيءَ ۾ نوريءَ نظر جھٽي ورتس. حاڪم حلال ٿي ويو. پاڻ ٻڌي اچي گھر نڪتو. مھاڻي راڻي بڻي. سامي چوي ٿو:-

رب ٿيو راضي، ٿڏھن سالڪ جو سنگ ٿيو.
ڪامل جي ڪرم سان، ٿي اٿڪ ڪان آجي
ڪنھن جي رھي ڪاڻ ڪا، منت موتا جي
نوري نواجي، جام سمي جاڻي ڪري.

مجازي ڪھاڻيءَ تي ھيءُ روحاني رنگ ٿو چڙھي ته "نيچ مان اوچ ڪري ميرا گوبند." جڏھن ڪرم ڪلي، رب راضي ٿئي ته پوءِ ڪنھن جي ڪاڻ نه رھي. پر مجازيءَ نل ڪھاڻي آھي ته ٻين راڻين کي ساڙو

”جاڻي ڪري“ معنيٰ تہ پوري پوري پرک، ونئي، جام تماچيءَ نوريءَ تي نوازش ڪئي. هاڻ ان جي وچ ’اَنڪ‘ نہ رهي. نوري ليلان جو ضد آهي. ليلان ۽ چنيسر جي وچ ۾ ’اَنڪ‘ هئي هار سينگار جي، جو ڏيهہ اَيمان ۽ مايا جو موهہ هو. حليميءَ جو گڻ نہ پر هار جو هٺ هو. ماڙيءَ ليلان بہ چڙهي ويئي هئي، پر ڏيئو ٻجهائي اَندر جو، اوندهہ ڪري ويئي هئي. پر نوريءَ جي باري ۾ سامي چوي ٿو:-

ماڙيءَ ڪي در چار، چئني ٻري مشعالڙو
جالي جام تماچي، ٽالي نُوري نار
مايا گھوٽ ڪنوار، تڏي سر ۾ ٿيو سوجهرو.

هيءُ نُور محل جي ماڙيءَ جو چوٿون منار آهي. ۽ ”حليميءَ جي هار“ من کي اَمن ڪري ڇڏيو آهي. تڏهن يڪ ٿنڀي چار منار محل محڪم بيٺو آهي. گھوٽ ڪنوار مليا، ڀيد اَڀيد جو پاڻ نہ رهيو ۽ جڳت ۽ جڳديش ’هيڪڙائي هڪ‘ ٿيا.

'نہ گيرب نہ گاءُ!' نہ ڇا؟ سامي چويٿو 'حايميءَ جو هار'. چوي ٿو:-

سهسين ڪن سينگار، پر سهاڳڻ ڪا هڪڙي.
پاتو جنهن پرتيت سان، حايميءَ جو هار

يعني هن پرڪ: جي ڏينهن ڪل راڻين جي وچ ۾
ممت متائي من جي، ڪا ورلي هاي هڪ.

۽ سا هڪ هئي نوري. ممت متائي من جي، حايميءَ جو هار، نہ گيرب نہ گاءُ، ڳالهہ مڙيئي ساڳي. سامي ۽ شاه ٻئي پيا هلن ۽ اُن هڪ جي باري ۾ سامي وڌيڪ ڇا ٿو چوي:-

جنهن ڇڙهي سڪپت تي، سامي لاٿي سڪ

جنهن برابر شاه چيو آهي:-

نوري نيئي گاڏيءَ چاڙهي گندري.

نہ سڪپت سيج تي گاڏي. تڏهن شاهہ چويٿو- حاڪم "حجت پڳي راڻين" جي. جنهن برابر سامي چوي ٿو:-

ٻيون سڀ چڻ چڪ سمجهہ ورائي سڪيون.

شاهہ چوي ٿو "نوري نيئي." جنهن برابر سامي چوي ٿو-

نوري نواجي، جام سمي جاٽي ڪري.

أصل جي ڄاڻ ڪانهي ۽ نقل تي غرور! أصلي چورن جو پاڻ ڄاڻيدار، من، نه ڏيرو ڏمن ڄمائي ٿن مندر ۾ وٺو آهي، تنهنجي سڌ سماچار رکي نٿو. اڄايو پيو ٿو ليکو ڪٿي. آرمان ڪائي ٿو سامي چوي :-

ورلو ڪو ڪري، ڏيا پنهنجي پاڻ تي
ڏيکيا ڏات ڳرن جي، هردي منجهه ڌري
ممت مٽائي من جي، سامي اڄر جري
پلڪ نه ٿئي پري، سنتهه سڌ سروپ جي.

ڇا نه چترائي رکي ڇت ۾ ٿو سامي ڪٿا ڪٿي! ”ڪري ڏيا پنهنجي پاڻ تي!“ ڇا مطلب؟ ڄڻڪ سامي ۽ کي ڪا غرض پئي آهي.

ويئي سا نه ويئي، باقي رهون رهت سان
سامي سپرين ڪي، اندر پس پيهي.

هي ۽ مانڪا ڏيهي، مٽان موٽي ماٺي ڪين ڪي. ٻولي سادي. ٻار ٻه سمجهي ته سامي ڇا ٿو چوڻ چاهي. ممت من جي چور آهي جا تنهنجو اندر اونداهون ڪري ويٺي آهي ۽ ٻاهران ٿون منهن مکي پيو هلين. اها ممت مٽاءِ پوءِ اندر پس پيهي ته سڌ پوئي سنتهه سروپ جي. اڪر شيرين زبان جي ساڪ، پرين ٿا ۽ ٻار ائين ٿو سمجهي ته سامي ڪيس

سچو سپاهي

سوئي سپاهي، جو ماري من مواس کي
جوڌا پنج جيتي ڪري، گهوڙي جا گاهي
چڙهي ٿئي چوڏول ۾، رام نگر راهي
ڏهه دس ڏهائي، ڦيري ڦرني فوج ري

هڪو نقطو عشق جو، هڪو نانا جو نقطو. هيءُ ساڌارڻ گيان آهي. ڪا روحاني راز اُڏام ڪانهي. جيڪي ڏسجي ٿو، تنهنجو ئي بيان آهي. مَنُ مواس ۽ منش جي وچ، ڇڪ تاڻ نوڙ راند آهي. ڇتر ڪلا جو شوق اٿس. سو ڇتر ڇٽي ٿو گيان ڪٿي، جنهن سمجهڻ ۾ ٻه سهوليت ٿئي ۽ وار تا خشڪ ٻه نه لڳي. ساڌارڻ جيو کي اِها ڄاڻ آهي ته پنج وڪار ڇا ٿيندا آهن، ۽ اِنهن وڪارن تي قابوُ پائڻ ئي جيون ڪلا جو سڦل اَسڦل اَندازو آهي. هيءَ ڏيهه اَيمان جي تصوير کينچي اَٿائين جا سامهيءَ جي هجو گوُ ڪلا جي ساکـــ، پري ٿي. منش ڇڙ! منش سپاهي! سپاهي مڇ کي تيل مکي، ڪلهي بندوق رکيو، اُچ وڃ پيو ڪري ته مان پهري خبردار آهيان. مجال آهي جو چور هتان ٻچي ڇٽي. تڏهن سامهيءَ کي هسي آئي.

أصل جي جاڳ ڪانهي ۽ نقل تي غرور ! أصلي چور ن
جو پاڻاليدار، من، نہ ديرو دمن جمائي تن مندر ۾
ويٺو آهي، تنهنجي سڌ سماچار رکي نٿو. اڄايو پيو
ٿو ليکو ڪٿي. أرمان ڪائي ٿو سامي چوي :-

ورلو ڪو ڪري، ديا پنهنجي پاڻ تي
ڏيکيا دات گرن جي، هردي منجهہ ڌري
ممت مٽائي من جي، سامي اجر جري
پلڪ نہ ٿئي پري، سنتهہ سڌ سروپ جي.

چا نہ چترائي رکي چت ۾ ٿو سامي ڪٿا ڪٿي !
"ڪري ديا پنهنجي پاڻ تي!" چا مطلب؟ جڳڪ
سامي ۽ ڪي ڪا غرض پئي آهي.

ويٺي سا نہ ويٺي، باقي رهون رهت سان
سامي سڀرين ڪي، اندر پس پيهي.

هي ۽ مانڪا ديهي، مٽان موٽي ملپئي ڪين ڪي.
بولي سادي. بار بہ سمجهي تہ سامي چا ٿو چوڻ
چاهي. ممت من جي چور آهي جا تنهنجو اندر
او نداهون ڪري ويٺي آهي ۽ ٻاهران تون منهن
مکي پيو هلين. اها ممت مٽاءِ ۽ پوءِ اندر پس پيهي
تہ سڌ پويئي سنتهہ سروپ جي. أکر شيرين زبان جي
ساڪــ، پرين ٿا ۽ بار ائين ٿو سمجهي تہ سامي ڪيس

سچو سپاهي

سوئي سپاهي، جو ماري مَن مواس کي
جوڌا پنهنج جيتي ڪري، گهوڙي جا گاهي
چڙهي تنهن چوڏول ۾، رام نگر راهي
ڏهه ڏس ڏهائي، ڦيري ڦرني فوج ري

هڪو نقطو عشق جو، هڪو نانا جو نقطو. هيءُ ساڌارڻ گيان آهي. ڪا روحاني راز اُڏام ڪانهي. جيڪي ڏسجي ٿو، تنهنجو ئي بيان آهي. مَن مواس ۽ منش جي وچ، ڇڪ تاڻ نئون راند آهي. چترڪلا جو شوق اٿس. سو چتر چٽي ٿو گيان ڪٿي، جنهن سمجهڻ ۾ به سهوليت ٿئي ۽ وارتا خشڪ به نه لڳي. ساڌارڻ جيو کي اِها ڄاڻ آهي ته پنهنج وڪار ڇا ٿيندا آهن، ۽ اِنهن وڪارن تي قابو پائڻ ئي جيون ڪلا جو سڦل اَسڦل اَندازو آهي. هيءَ ڏيهه اَيمان جي تصوير کينچي اُٿائين جا سامهيءَ جي هجو گوُ ڪلا جي ساک، ٻري ٿي. منش چوڙ! منش سپاهي! سپاهي مڇ کي تيل مکي، ڪلهي بندوق رکيو، اُچ وچ پيو ڪري ته مان پهري خبردار آهيان. مجال آهي جو چور هتان پيهي ڇٽي. تڏهن سامهيءَ کي هسي آئي.

ٿو. ڇوي ٿو:-

ڏيئي لت نه لوڙهه، مانک ديهه اُمول کي
جنهن کي چاهين ديولا، نت ليٽس ڪروڙ
سامي ست سنگ ڪري دل سان من جون واڳون موڙ
جاڳي ٻنڌن ڇوڙ، پنهنجي هٿين پاڻهين.

”واڳون موڙ“ جو اِشارو جانور ڏانهن آهي جو سواريءَ جي ڪم ايندو آهي ۽ صلاح ڏئي ٿو سوار کي. من کي گهوڙو چيو اٿائين. ته هيءَ تصوير ڪيئنچي ٿو گهوڙي سوار سپاهيءَ جي، ته واڳ، سنڀال. متان مست گهوڙو ڦيري نه هٽيئي پٽ ۾ ۽ تون اِنهيءَ غرور رهين ته تون گهوڙي تي سوار آهين. ياد رکه ته اِهو گهوڙو ڪنهن مطلب سان ماٺ ۾ آهي. اِنهيءَ موقعي جي انتظار ۾ آهي ته تون غفلت ڪرين ۽ هوُ اُنجو فائدو وٺي. تنهن ڪري جاڳندو رهه ۽ هن مانک ديهه اُمول جو قدر ڪر.

جيڪو هوشيار رهيو، تنهن جي تصوير چٽي ٿو ته هوُ ڇوڏول ۾ چڙهي رام نگر راهي ٿيو. گهوڙو سنڌيءَ واٺ آيو ۽ چال جي چلولائيءَ کان باز آيو تڏهن سوار ٿيو سچو سپاهي نه ته 'اُروٽ' اُٺچاڙ ۽ اجا ديهه جو غلام.

لاڏ ڪوڏ مان لولي ڏيو پيو سڄ جي پروڙ ڏيئي،
سٺي پياري.

اَنگلستان جي مشهور هجو گو ڪلاڪارن مان شريمان سفٽ هڪ ناميارو ڪلاڪار هو. ”گليورس ٽرولس“ گليور جو سفر نامو سندس مشهور ڪتاب آهي. ديهه اَيمان جو هڪ ٻي نظير پاٺ آهي. ڇهه فٽو لنبو جوان سمهيو پيو آهي. ٻه ٽي انچ قدوارا جيتامڙا اِنسان، سندس موٽي سرير سان حرڪت پيا ڪن. هيءُ جوان ننڊ ۾ آهي. ننڊ ڦٽيس ڪانه ٿي. مڇر جي چرپر ڪان جو خارس ٿيندي آهي، تنهن اَحساس هوءُ پاڻ کي ٿڌڙا ڪڍي، ڪونگهرا پيو هڻي. آخر جڏهن اُٿيو ته ڪن کي ڪٽي ۽ گيڏي ۾ وڌائين. هلڻ لڳو. پر اُتي اَچي پهتو جت ست فٽا آدمي هئا. تڏهن هڪ ڇوڪريءَ کيس ڪٽي هڪ پڃري ۾ بند ڪيو جئن طوطي کي بند ڪبو آهي. اَچي مارڪيٽ ۾ رکيائينس. ٽڪيٽ لڳي ويئي. ماڻهن تماشو ڏٺو، ڇوڪريءَ پئسا ڪمايا. سکيا پاڻ کان پاڻهين پڌري آهي. پر جيڪي روحاني رازدان هوندا آهن. سي درد سان گڏ دوا به ڏسيندا آهن تڏهن سامي اِنهيءَ ديهه ايماني سپاهيءَ جي حوالي ۾ گهوڙي جي تشبيهه جو وستار ڪري اَڳتي وڌي

عشق جو نقطو

عشق جو نقطو، سمجھو جنھن سامي چئي
جئندي تنھن جھان مون، ليکو ڪيو ڇڪتو
ڪري من مڪتو، سمھيو سڪيت سيج تي.

جيڪڏھن ساميءَ جي سلوڪن جو سرشتو 'سرن' جي حساب بيھارجي تہ ھيءُ ساميءَ جو سر 'عشق' آھي، جنھن جي برابر آھي شاھ جو سر "سورٺ". عشق مڪتيءَ جو ساڌن آھي ۽ ساڳئي عقيدہ شاھہ جي سر سورٺ ۾ شاھ جي آيت آھي:-

راز ڪيائين راءِ سين، ڪنھن موچاري مھل
"أنا أحمد بلا ميم" سين ھنئي سائل.
ڪنھن ڪنھن پئي ڪل، تہ ھر دوئي ھيڪ ٿيا.

جت سامي چوي "سمجھو جنھن" اُت شاھہ چوي "ڪنھن ڪنھن" پئي ڪل. ڇاجي؟ تہ "ھردوئي ھيڪ ٿيا." ڪيئن "ھيڪ ٿيا؟" چيائين:-

راجا راڳائي، ھردوئي ھيڪ ٿيا.

مطلب تہ راءُ ۽ ٻيجل ھڪ ٿيا معنيٰ تہ جيڪي ٻيجل چيو سو راجا سمجھو ۽ ٻيجل ڇا چيو؟ چيائين تہ ميم ٻن أحمد پڙھ. أحمد نالو آھي ماڻھوءَ جو. تنھن مان

'رام نگر' جو اِشارو ڪنهن مڪتي ڌام سان نه
آهي، جو هن پار آهي، نه حوالي جا لفظ آهن
'ڏهه دس' معنيٰ ڏهه طرف، جنهن جو مطلب هيءُ
جهان آهي. معنيٰ ته تو جي من کي ماريو آهي يعني
اِهي پنج وڪار هن کي گاهه ڪون ٿا پهچائين ته
پوءِ تو پرم پولي ڦرني ڪان مڪتي پاتي آهي. ڦرنو
من جو ڌرم آهي، تنهن ڪان تو هن کي موڙي ڇڏيو
آهي. هاڻي تون ٻي اونو هن سنسار ۾ 'ورچ'.
سچيو واپاري ٻڌو اٿئون. هوُ آنند جي سيج ماڻيندو
آهي. هن پاڻ پليو آهي. خود تي پهري خبردار
آهي، يعني سچو سپاهي آهي.

'عبد' معنيٰ گولو غلام. تون حق جو عبد نه آهين يعني عبدالله نه آهين پر خود 'حق' آهين يعني چئه 'أناالحق'، يعني أحمد نه پر أحد.

سچل جي وات سامي به چوي ٿو:-

مورک، سڀ منجهي، پيا ويدن جي واچ ۾
سامي لک سروپ جي، ڪنهن سياڻي سمجهي
جنهن کي ڏني ڪنجي، ستگر عين عشق جي.

أحمد سروپ نه آهي. سروپ أحد آهي. عبدالحق سروپ نه آهي. سروپ أناالحق آهي. اها ستگر جي سکيا آهي جنهن پاڻ جو سرو آهي "عين عشق جي" يعني أصلي عشق جو نقطو يا نسخو، جو ويدن پڙهڻ سان حاصل ڪو نه ٿو ٿئي. اها مورکن جي وندر آهي. مورک، جو ضد گرمک. نه گرمک أهو جنهن کي سروپ جي لک پئي. يعني جنهن پاڻ سڃاتو. هيءَ گرمک جنهن صوفياني ڪلام سامي عاشق چوي ٿو تنهنجو گڻ آهي. هن بيد جي صفائي ڏيندي سامي چوي ٿو:-

گرمک ليکي کي چڙهي، پيرَ اڳي پائين
سامي لنؤ لائين، وڃي أنيءَ جي آڪاس ۾.

'لنؤ' معنيٰ عشق ۽ گرمک معنيٰ عاشق. آڪاس

'ميم' ڪڍي ڇڏ ته رهيو اَحد، جنهن کي حد نه هجي. ٻيجل ڇيو راڳ کي نه ڇڏ نه "مان اَحد آهيان." اَحد خدا ڏي اِشارو آهي. معنيٰ ته 'مان خدا آهيان' مطلب ته خود ۽ خدا جي وچ ۾ ڪوئي فرق ڪونهي. هيءُ عشق جو نشو آهي.

منصور حلاج تي عشق سوار هو. تڏهن 'اَناالحق' جو هن نعرو هنيو هو. يعني 'مان حق آهيان.' مطلب 'ٻيو' نه آهيان. ساميءَ جي حساب ڇڏيو ته منصور "ليکو ڪيو چڪتو." ليکو ٻن جي وچ ۾ ٿيندو آهي. ٻه رهيائي نه، نه ليکو چڪتو سمجهڻ گهرجي. يعني نه رهيو لهڻيدار ۽ نه رهيو قرضدار. نه باقي حالت ڇا جي رهي؟ ڇيائين مڪتيءَ جي من مڪتو ٿيو. قرنن کان مڪت ٿيو. قرنو هو نه مان اَحمد آهيان. هاڻ ڇاڻ ٿيس نه اِهو نالو اَحمد نه سنساري وهنوار جي سهوليت، اُنس رکيو ويو آهي. سنساري وهنوار شريعت آهي. پر حقيقت آهي ته مان اَحد آهيان. تڏهن 'اناالحق' جو نعرو مڪتيءَ جو مارگ ٿيو. سچل کي سندس مرشد هاديءَ به اِهائي راه ڏسي هئي. چوي ٿو:-

عاشق اَناالحق، آکيو پيو آکيج
هادي عبدالحق، حرف هدايت هي ڇيو.

ٽٻو ڪري. چوين ٿو تہ هن سرير جي ذريعي مون دوست جو ديدار ڪيو آهي سو سرير ڇڏي ۽ بهشت ڏي هلڻ، سو ڪفر آهي. صوفين جي خيال جي اُڏام جي بہ ڪا حد ناهي.

هيءَ درويش جي جيون ڪلا آهي. هنن ڪي 'سڪ سل' ڪيا آهن سي ٻيا سواد ڇا ڄاڻن ۽ اُهڙن لاءِ سامي چوي ٿو تہ تن "پاڻ ڏٺائون پاڻهِ نرڪي نماڻن". هيءَ ڪو خوديءَ جو واڪ نہ آهي. پر سچ جي پروڙ آهي تہ هُو خود جوتي سروپ جو جمال آهن، يعني ديد بہ پاڻ تہ ديدار بہ پاڻ ۽ جي هُو اناالحق چون ٿا تہ اِهو 'بي حد واڪ' سندن سياءُ آهي، اَيمان نہ. اِها سندن ڪمائي آهي، ڪچائي نہ.

معني پولار. عاشق اُت رهن ٿا. هيءَ خيال جي اُڏام آهي. مطلب ته عاشق سنسار جي رات ڏن جي ليکي کان ٻاهر آهي. هوُ اُتي رهي ٿو جت نه رات آهي نه ڏينهن آهي. معني عاشق پنهنجي مستيءَ ۾ رهي ٿو.

اِها مستي 'لاطمع' جو نشو آهي. عاشق کي 'نيهي نر' سڏي سامي چوي ٿو:-

نيهي نر نهڪام، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
ڪٽي جنهن ڳرگيات سان، طمع سڀ تمام
اَندر ٻاهر نپ جان، ڏسي رمتا رام
سرڳ، جهڙو ڌام، سامي جاڻي سپنو.

سا هئي سهڻي ۽ سسئي شاه جي، جن موت جي ملائڪن کي چيو:-

ڏي طهوُرا تن کي، جي سڪن لاءِ شراب.

'طهوُرا' بهشت جو شراب. عاشق کي تنهن لاءِ ڪاڻ ڪا نهي. عشق سودو نه آهي.

ويهين صديءَ جو صوفي سائين ٽيرٿداس گياني اَجا وک، اڳتي ٿو وڌائي. هڪ فقير کي موت جي بستري تي ڏسندي پنهنجن ساٿين کي چوي ٿو ته هيءُ فقير موت جي ملائڪن کي هيءُ سرير ڇڏڻ کان اِنڪار ڪري ويٺو آهي ۽ بهشت جي آڇ قبوُل

لڳائي ويا آهن. عين اکر، الف ب جو آهي. غين به اهڙو ئي اکر آهي. نون (ن) نقطو به، انهيءَ شمار آهي. پر ڪٿا جا ڪٿي ويئي آهي سا انهيءَ الف بي واري ٻاشا کان ٻاهر جي آهي. عين صورت اصلي عشق جي، تنهن ۾ غين وڌو رولو غير جو. يعني دوئيءَ جو دليل. هاڻ اهو نقطو ميسار، ته نون عين جي عين ٿين. يعني عليل دل غير يعني وير ڀاو واري سڌرجي خليل دل خدا جي دوست واري ٿئي. خدا عين عشق جي صورت آهي جنهن بيدل فقير چوي ته ”عشق جو جامو“ پهري، خدا عرش

تان لهي هيٺ فرش تي آيو آهي. خدا وحدت آهي. فرش تي آيو آهي. فرش تي آيو ته وحدت وڌي ڪثرت ٿي. يعني وحدت ڪثرت ڪل جي ڪهاڻي آهي. آدم جي اوتان جي ڪٿا سامي ڪٿاڻ چاهي ٿو ۽ سرو آهي، ”نانا جو نقطو“ ۽ مقصد آهي ته واپس ڪثرت وحدت ڪل تي وڃي.

هاڻ نانا اکر جي بناوت مان جي نقطو 'ن' ڪڍي ڇڏبو ته باقي صورت رهندي (ا) الف جي.

يعني اکر الف پڙهي پڄتو ٿي. الف اکر سان الله لکبو آهي. تنهن سيد عبدالڪريم چيو آهي:-

نانا جو نقطو

ڀڙهي ٽٽي پئتو، ڪوگرمڪ اڪر پريم جو
ڪيڏي ڇڏي ڪوري ڪري، نانا جو نقطو
ڪري ليڪو سپ سان، ڇت منجهان ڇڪتو
سدائين مڪتو، سامهي رهي سپاءِ ۾.

'نقطو' ۽ 'مڪتو' ٽنهي ڇا جوڙ لهڻو! نقطو معنيٰ ٻڙي. 'نون' وارو نقطو آهي. پر مطلب ته ڪو ڇتو ڪونه. هيءُ سامهي سنت سڄان جون شاعري روحاني رمز پر وليون آهن. سمجهو ڪو سمجهي. سود ۾ مان ڪونه ٿو هڻان. پر اِئين برابر آهي ته ساهت ڪيتر ۾ تنقيد نگار هڪ ڳري ٽوپي آهي، جي اديب جا ارمان، سي هنجا گمان. جي هن جي ڪن نه جن سي هنجي من. مطلب ته ڪلپنا جي چوٽ ڪلپنا، سا ٿي تنقيد جي ڪيڏ بازي. ڪٿي ڪوٽ ڪٿي واٽ، پر ڪمال ڪل رچنا جو آهي.

تڏهن مضمون ۾ ڏنل پروليءَ "نانا جو نقطو" ڪٿا ۾ ڪٿا آهي. "نقطي" جو ناز، نظم ۾ خاص طور، گهٽيئي اديب ڪٿي ويا آهن. يعني اُنجو انداز

صوفياڻي رمز چوڻ ته ڪثرت وچي وحدت ۾ واصل ٿي. يعني آلم رام ۽ آدم هڪ ٿي ويا. نون اکرڻ کان پوءِ جو الف اچي ٿو، تنهنجو اچار 'آ' آهي سو هڪ آلم جو ته ٻيو آدم جو. هڪ ٻئي جي سامهون (آ آ) ٻيئا آهن پر فرق ڪونهي. ساميءَ جو سلوڪ آهي :-

محبتي مگن، رهن پنهنجي حال ۾
سامي جاڻن ڪونه ڪو، سڪ بنا ساڌن
ڪيائون ويساهه سان، پرچي من پون
سڀ انگي سمپن ڏيئو ڏنائون ڏيهه ۾.

هي جن نانا جو نقطو ڪڍي ڇڏيو، تن جا گڻ ٿو ورنن ڪري. هڪ گڻ ويساهه، ٻيو سڪ. انهيءَ ٻنهي جي ٻيلهه هو ڏيهه ۾ ڇا ٿا ڏسن؟ سڀ انگي سمپورن ڏيئو معنيٰ نُور الاهي، جو هر رمز ۽ هر رنگ پري پُورن آهي.. مؤمل واري 'چاندباڻ'

' نانا ' جو ضد 'ها ها' هيءَ آدم جي کهاڻي آهي جا شاهه عمر ماروئي جي سر ۾ ڪٿي ٿو- عرش مٿي الله سان 'ها ها' ڪري آيو هو ته تون منهنجو مالڪ آهين.

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم

تون چئه الله هيڪڙو، ٻولي ٻي م سکھ،
سچو اکر من ۾، سوئي لکيو لکھ.

جو سيد جو ’من‘ سو ساميءَ جو ’چت‘ جنهن چت ۾ ڏيان الف (ا) تي ڌريو، تنهنجو چت ليکي يعني ڦرن کان مکت. هيءُ الف جي اوٽ جو ڪمال آهي. ناستڪ ۽ آستڪ ٻئي انهيءَ هجي ۾ آهن. نقطو نڪتو تہ آستڪ يعني الف جي اوٽ وٺائين. سامي اکر الله جي بدران ’اکر پريم‘ جو ٿو ڪم ۾ آڻي معنيٰ ساڳي آهي. جنهنجو من پريم سان ڀريل آهي تنهن لاءِ غير ڪوئي ڪونهي. هوُ غين کان ڪم ڪونہ ٿو وٺي پر عين عشق کان. يعني نقطہ بن غين ٿو پڙهي جنهن نقطہ بن ’نانا‘ ٿو پڙهي. جنهن کي غير نہ آهي تنهن کي وير نہ آهي. جنهن کي وير نہ آهي سو سياو ۾ سيتل آهي. هيءُ الف الفت جو پاٺ آهي، جو سامي سيد جي پيرائيءَ ۾ پڙهائي ٿو.

’نانا‘ ۾ ٻہ نون ۽ ٻہ الف. نقطو نڪتو تہ ٻہ الف ٻيا. هڪ الله جو ٻيو انسان جو. الف تہ فرق ڏسڻ ڪونہ ٿو اچي. يعني الله ۽ انسان گڏجي هڪ ٿي ويا هاي. سامي تنهن حالت کي آتم رام جي جاڻ جو نالو ڏيئي ٿو جو آهي

تنهين وير ڪيوم وچن ويڙهيچن سان

مارئيءَ جو ملير ٿيو اصل وطن جو مارئي ياڻ ٿي چاهيو ۽ چيائين ته ڏينهن ازل جي، منهنجو اقرار ڪيل آهي ويڙهيچن سان، تنهنڪري مان انهن جي رهنديس. مارئيءَ عمر جي اکڙين جي ڪوٽ کان منهن موڙي ويئي ۽ ڪيت سين ڪي ئي ڌيان ۾ رکيائين. تنهن برابر سامي چوي ٿو:-

ڄاڻي ڄاڻ ڪيڏي، ڪري هڪ خاوند جو خيال
سدائين نهال، رهي پنهنجي حال ۾.

مارئي هڪ خاوند جي خيال ۾ ٿي مگن رهي. ٻي ڳالهه ٿي نه پيئي ٻڌي. شاهه جي "تنهين وير ڪيوم" جي برابر ساميءَ جا اکر آهن "ڪرل ڪن پيوم" يعني آواز ڪن پيوم. ڪهڙو؟ ازل جي ڏينهن وارو اقرار - "قالوُ آبلىٰ."

مارئيءَ جيتيو. عمر هارايو ۽ امانت ورڏي واپس ورائي. تڏهن مارئيءَ کي شاباس ڏيندي چوي ٿو:-

رهين ٻولي ٻاءِ ته، سهجي ملين سپرين.

"ڄاڻي ڄاڻ ڪيڏي" چڏڻ آهي "ٻولي ٻاءِ"

'قالو اَبائي' قلب سين، تنهن تمت ڇيو آهي.

"ڇا مان توهان جو مالڪ نه آهيان" تنهن مون قلب سان، دل سان، 'هاها' ڪئي هئي. پر زمين تي اچي 'نانا' جي ٻولي ۾ پئجي ويس. جنهن باري ۾ سامي چوي ٿو:-

حرص هلاڪ ڪيا، هيڪ گرهستي لوڪ سڀ
پالي سار سروپ ڪان، سنسي منجهه پيا.

'حرص' به ماڻهو سمجهي سگهي ٿو، انسان جي ڪمزوري آهي. پر سنسو نه اوديا جو اوگڻ آهي. يعني ڏتو ڏوهه آهي. هن باري ۾ سامي چوي ٿو:-

اَڪثر ين جو اَستان، جڳت چوي جاڳرتا

يعني هيءُ سنسار، جو اَڪين سان ڏسون ٿا، سو اَسار آهي پر اَسين چئون ٿا نه نه، هيءُ سنسار جاڳرتا معنيٰ سار آهي. تنهن هوندي، جت اَسين اقرار ڪري آياسين، سو ڪوڙ ٿا سمجهون. تنهن نه ويساهه گهاتي ٿياسين!

پر مارئي اَجا، اَصل رنگ رڱيل هئي، تنهن عمر جو ڪوٽ معنيٰ هيءُ سنسار ڏسي ۽ حرص هواس جي، ساري سامگري ڏسي چيو:-

پر عمر جو ڇا ٿيو؟ شاهه صاحب ٽنهن جي ٻچار نه ڪئي آهي. پر ساميءَ آدم جي کاڌي ”دانا جو نقطو“ جي حوالي ٿورڙو ڏاڍو ڪئي آهي. يعني عمر جي حال جو به احوال ڏنو اٿس.

عمر ماروئيءَ جي قصي ۾، عمر عزازيل سمجهيو ويندو آهي. جڏهن محبوب جو فرمان نه مڃي ڪري، زنداني دوزخ جي سزا ڀڏائي ويئي هئي، تڏهن هن چنوتي ڏني هئي خدا کي ته مان ٽنهنجي بندي کي بي ايمان ڪندس. يعني اقرار کان گمراهه ڪندس. هوُ منهنجيءَ سيڄ سهندو ۽ نه ڪ ٽنهنجيءَ. ته آدم ۽ حوا جي جيڪا کاڌي آهي ته هنن عدم جي باغ ۾ علم جي وڻ جو ميوو کاڌو ۽ اقرار کي قرار ڏيڻ کان منهن موڙي ويا، جا به اوديا آهي، سا حرڪت عزازيل جي هئي. سامي تيڏانهن اشارو ڪري چوي ٿو:-

سمجهي پٽ سامي چئي، ٿون اوديا جو انگوُر
ثابت رک موُر، مٿان شاهه پڇني ليکڙو.

ماروئيءَ مور ثابت رکيو ۽ شهه ڏيئي شيطان کي واپس وطن وري.

پر کيٽ سين کي ڪا ٻي سهجي. هن رام سيتا

رهڻ. ۽ ڏاڍيءَ ڳوڙهيءَ رمز سامي چوي ٿو ته اِها به اَوديا آهي. يعني سنسار جي ڄاڻ رکڻ به ته وديا آهي. سا ڄاڻ نه رکڻ اِنهيءَ حساب اَوديا ٿي. پر جو اِنهيءَ حالت رهيٿو تنهن کي جاهل ڪونه چئبو آهي پر اَبوجهه جو ڳڻ آهي ۽ تنهنڪري اَهڙن سان صاحب راضي رهندو آهي. سامي چوي ٿو:-

عجب اِسرار، آهي شاهه عجيب جو
اَوديا ٿي عاشق ٿيو سامي سنڌ جو ٻار

تڏهن ڀڳوان روُپ ڪيئن سين ماروئيءَ روپ بندي ٿي راضي ٿيو. "سنڌ جو ٻار" معنيٰ ڀڳوان. رمز ۾ رمز! ڀڳوان نه ڄڻي نه ڄاپي ۽ پوءِ به چئون ته آهي، ته ٿيو ڪوڙ ڳالهائڻو. پر ويساهه جو سوال آهي، تنهنڪري روا آهي. پر ڪوڙ به ڪنهن حد تائين روا آهي. ڀڳوان جي هستي ۽ وجوُد مڃي سندس ڪا ماڳ مقرر ڪريون سو ٿيو حد ٻڌي وجهڻ. پر ڪجهه ته چوڻو آهي. تڏهن مزاڪ ئي مزاڪ ۾ ساميءَ چيو "سنڌ جو ٻار" يعني عورت جا ڄڻي ئي ڪانه. ساميءَ جيڪڏهن اِها ڪٿا سٽ سنگ ۾ ڪٿي هوندي ته سٽ سنگين ۾ واهه جو ٽهڪڙو اُچي پيو هوندو.

آواز ٽي، جا ’ها ها‘ جي هونگار هڻي. تڏهن ٻي مصرع ۾ سامي چوي ٿو:-

وينا جي ويساه سان، سي نر ٿيا نرمل.

ته اڄ عزازيل به نرمل نُر جي شمار اچي ويو. هيءَ سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ جي اُڏام آهي. جنهن جي ياد ساميءَ ”نانا جو نقطو“ جي نظاري تازي ڪرائي آهي.

وارو قصو ٿي ڪيو. مارئيءَ جي پرک، ٿي ورائين تہ پوتر آهي يا نہ، سو لوہ جي ٽتل شيخ کي هٿ لڳائڻو هوس. سا خبر عمر کي پيئي، سو جهٽ مليرِ ڏ وڙيو تہ مارئيءَ جي پک ۾ شاهدي ڏيان تہ هوءَ پوتر آهي، هيءَ اصلي سنڌي ڪهاڻي آهي. ۽ ڇا روحاني راز ٿي سلي تہ الله ڏاڍو آهي. جو عزازيل بندي کي بدنام ڪرڻ لاءِ اُتارو هو، سو اَڄ انجي بچاءَ ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي. پر ڪيئن نہ ٿيو. تنهن کي پنهنجو مطلب هو. عزازيل بندي تي عاشق ٿي پيو سو جڏهن مارئي هٿ وڌائي شيخ ٽتل ٿي جهلي تہ اُمنگ وچان عمر بہ هٿ وڌايو. ضرب ڪنهن کي ڪانہ رسي. تڏهن ڪيئن سين ٻنهي ڪي ڪٽي پاڪر ۾ ڪيو ۽ ٻيئي پرچي وينا پاڻ ۾. سامي چوي ٿو:-

سدائين سيتل، ڇايا ٻوڙ ٻرج جي.

هيءَ اُهو ئي عدم جي باغ جو ٻوڙ ٻرج يعني علم جو وڻ آهي جت شيطان جيئن پاڻي هٿيي. پر اَڄ عشق جي ڇرت 'نانا جو نقطو' پاڇي ويو ۽ سو ٿيو 'سر ۾ سوجهرو' سا ٿي ٻوڙ ٻرج جي سيتل ڇايا. نانا جو نقطو پاڇي وڃڻ ٿيو وساہ رکڻ اَزل جي

منجهان ڪثرت ڪل ۽ وحدت ۾ واصل يعني هڪ
الف مان ٻ الف ۽ ورائي ٻن مان هڪ تي وڃڻ.
چئجي ڪٽي تہ جتان شروع ڪئيسين اُتي ئي پوري
ڪئيسين. جڏهن شاه چوي تہ جهڙا آياسين تهڙائي
واپس ورياسين.

هن ڳالهہ جي راز ۽ رمز سامي چوي ٿو:-

فارسي ۽ هندي ڳالهہ چون ٿا هڪ
سمجهي ڪو سامي چوي، ٻيائي ٻنا ٻندي
چڙهي انيؤ اُچ تي، وڃي راه رنديِ
پائي گيان گندي، سمهين سڪپت سيج تي.

سامي چوي ٿو مان ويد وادي آهيان. ويدن جي
واٽي مون سنڌيءَ ۾ سٽائي آهي. سا جهڙڪ تي هندي
گيان گندي ۽ جڏهن ڪ 'هہ' اکر جو بنياد آهي 'س'
تہ هندي گيان گندي ٿري تي سنڌي گيان گندي
جنهن سنڌوءَ ڪناري ويدن جي گيان گندي وڇائي
ويئي هئي. پر سامي چوي ٿو تہ جيڪي مان چوان
ٿو تنهنجي تصديق فارسيءَ وارا بہ ڪن ٿا، جنهن ڪي
هوُ راه رنديءَ جي اِشاري سمجهائين ٿا. يعني انهن
سمجهہ تہ تصوف ۽ ويدانت مت وچ ڪوئي فرق
ڪونهي. ٻيائيءَ جي ٻندي معنيٰ عين صورت جي
مثال نقطو جا ٿي غيرت جي. اِهو نقطو ميسار تہ
عين عشق مائين. اِهو نقطو ڪئن ميسار جي وڃي، تنهن

تصديق

فارسي ۽ هندي، ڳالهه ڇون ٿا هڪ

ڳالهه ڇا جي باري ۾ آهي؟ زندگيءَ جو سفر. هيءُ کهاڻيءَ جو سمجهه ته سرو آهي. کهاڻيءَ کي شروعات ٿيندي آهي ۽ پڄاڙي به ۽ خود کهاڻي، هڪ قسم جو هنگامو هل آهي. تڏهن ڪري هنگامو هل ۽ ڇڏي هنگامو هل ڇٽڪ کهاڻيءَ جي شروعات ۽ پڄاڙي ٿي. هيءَ سچل سرمست ۽ سالڪ سنت ساميءَ جا ٻول آهن.

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل
اَلف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل
هندو مومن هڪ ٿيو، ٻول نه ڪنهن ٻل
ٿيو گلابي گل، مر ماريئي منصور جان.

هڪ الف (ا) الله واحد جو جنهن مان الف مد آ، آدم ڪثرت ٿيو. هن مقابلي ساميءَ جو سلوڪ آهي:-

عجائب عقل، سالڪ ڏنو سڪ سان
سمجهي روح راضي ٿيو، ڇڏي هنگامو هل
چڙهي نُور محل ۾، ڪيائين حق حاصل
وحدت ۾ واصل، پرچي ٿيو پريم سان.

تيرهين صديءَ کان وٺي ڪجھہ خلاصي طرح پوڻ
شروع ٿي.

عاشق جا ٽوپا آهن ڪي مانا ڪي سانٽا معنيٰ ست وارا، واجت وجائط وارا. شاهه عاشق هو، پر مانو هو. درياه جي تصوير ٺو کينچي تہ ڪناري ويٺو هوس، ڪنهن اچي پنيان ڌڪو ڏنو. ڏڏو وڃي درياه ۾ پيس. پنيان نهاريان تہ هڪ درويش ويٺو آهي. پر جا حرڪت ڪيائين، تنهن لاءِ ارمان تہ هوس ڪونہ. هنئون مشڪ هنئس منهن ٽي. پر ڏاڍي ڪشش واري مشڪ هئي. مون ذرا گهور ڪري نهاريو مانس. تہ ڪجھہ گيان ڪٿيندي چيائين "تہ تري پار پئہ پر 'پلاند' بہ نہ 'پساءِ'. سامي هن درياه کي يو ساگر چوي ٿو ۽ عشان مروندي، جو راه رنديءَ جو شائق هو، سو چوي ٿو:-

چو آبش جمله خون ديدم بترسيدم ازين دريا.

چوي ٿو درياه تي پهتس. ڇا ڏٺم تہ سڄو سارو آب معنيٰ پاڻي خون تہ هو. ڇو؟

هزاران جان مشتاقان درين دريا نگونسار است.

هيءُ عشق جو درياه هو. هزارن ۾ عاشقن پنهنجي شوق وچان هت جان گنوائي. عشق راند نہ آهي

طريقت ڪو مت پيد ڪونهي.

هن ڳالهه سمجهڻ لاءِ مان ڪا گيان ڪٿا هت ڪو نه ڪٿيندس. پر ٻن شاعرن جي خيالات جي پيٽ ضرور ڪندس ۽ سي آهن هڪ سامي سالڪ ۽ ٻيو رند فقير حضرت عثمان مروندي، جنهن کي لال شهباز سيو هڻ وارو، سخي شهباز قلندر چئي ڪجهه روحانيءَ رمز روح رهاڻ ڪندا آهيون. حضرت عثمان مروندي سنڌ ۾ ڪڏهن آيو تنهن جي پوري خاطري نٿي ٿي سگهي. پر حق سان وڃي هڪ ٿيو، جنهن کي سامي چوي لنڊ لين ٿيو، سو سنه ١٢٧٤ع چيو ٿو وڃي. هيءَ صدي آهي جڏهن اجمير شريف هندستان ۾ خواجه غريب نواز حضرت معيد ين چشتي پڻ آيو هو. سنڌ ۽ هند جي روحاني جهد ۽ جفا جي ڪشمڪش ۾ هنن ٻن هستين جي ڏاڪ جميل آهي. پيٽ ڪانهي. روحاني حوالي ٻئي پنهنجو مت پاڻ هئا. پر عثمان حضرت، گهرو شاعر هو ۽ سندس خيالات جي بلنديءَ جي ڪا حد ڪانه هئي. هو قلندر هو ۽ راه رنديءَ جو پانڌيئڙو هو. ٻئي فارسي خاندان جا چمڪندڙ ستارا هئا. ساميءَ جو شبد ”فارسي“ چئجي ڪٿي نه هنن درويشن جي خيالات ۽ حرفات جي لهر، جا هند سنڌ ۾ لڳي، تنهن حوالي نهڪي ٿو بيهي. يعني نه فارسي، مطلب صوفياني، خيالات جي جاڻ پڇاڻ

ڪاڻي بازار، مان نچان ٿو پيو، پوءِ جڏهن هر پگهت جو هر جڳهه ۾ اهوئي احساس آهي ته جنهن درد جي دوا لاءِ آزي نيزاري پئي ڪيم سو اڃا پيو سهان. تڏهن قلندر شهباز به ٿو چوي :—

بيا اي يار من اڪنون

هاڻ ته پلا اچ يار! سڄو شعر هن پاڪ پريل هن رمز آهي :—

بيا اي مطرب مجلس سماع وذوق را درده
ڪه من از شاديءِ وصلش قلندر وار مي‌رقصم
منم عثمان مروندي ڪه يار خواجه منصورم
ملامت مي‌ڪند خلقي ومن بردار مي‌رقصم

خداوند تعاليٰ جو ڌيان ڇڪائيندي ٿو چوي ته اي يا خدا! ته تون مجلس جو مير ساز باز واڄا وڄائيندڙ آهين ۽ تنهن مجلس سماع جو زور ذوق لڳو پيو آهي. مان عثمان مروندي منصور جو يار آهيان ۽ وصل جي واٽ نهاري رهيو آهيان. نچان ٿو پيو ۽ خلق جي ملامت جو موچڙو به سهان پيو.

ويڌ وادي سامي صوفين سان صف ٻڌيو بيٺو آهي. چوي ٿو:—

جي توکي خواهش خريد جي، ته سٽ سر جو سؤدو.

جڏهن شاه چيو ته شهباز به اهائي ٽند ٽنواري
ٿو ته :-

که عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلات

ته عشق پلي شروع ۾ آسان ڏسڻ ۾ ايندو هجي
پر آخر ۾ اڳتي هلي هيءَ ڪٺن ۽ ڇانيل راه آهي.
تڏهن سامي چوي ٿو :-

پيرُ پرجهي پاء، محبت جي ميدان ۾

ڇو جو اُت :-

ڪنا پيا ٿئي ڪيترا جاني لڳي، تنهن جاء.

مشڪلاتن جي سلسلي سامي چوي ٿو :-

آهي مهانگو سامي سؤدو سڪ سندو.

اِنهيءَ سؤدي جو پهريون واڪ آهي :-

پوئي پاء ڳچيءَ ۾، گلا جو گهانگو.

جڏهن شهباز قلندر به چوي ٿو :-

شدم بدنام در عشقت -

صفا سنڌيءَ ۾ چئجي :-

عشق ۾ منهنجو مٿو ٿيو اُگهاڙو،

جو برابر آهي شهباز جي ڪلام ته :-

نميترسم ز رسوائي بهر بازار ميرقصم.

وسيلو ۽ واهہ ڪانهي. هيءَ عشق جي راهہ ٻنڌي آهي، جنهن جي جاڻ سامي ٻہ رکي ٿـو. تڏهن چوي ٿو:-

ڏسي ڏهڪين ڪين ڪي، اُڀَڻي وڪ، وڏاءِ
جيئندي پـاڻ جلاءِ، تہ پسڻ ٿئيئي پِر جـو.

شاهہ ڪـان وڌ سچل سرمست جي فهم خدائيءَ جـو بنياد، شهباز جي شعر ۾ آهي. درياهہ ٿي جڏهن نـہ ڪشتي نہ ملاح ڏٺائين ۽ جڏهن سڌ اونائي محسوس ڪيائين تہ جان ڏيڻ ڪان سواءِ پار پئجي ڪونہ سگهيو تڏهن قلندر چوي ٿو:-

شريـعت ڪشتي بـاشد طـريقت بـادبان او،
حقيقت لنگري باشد ڪہ راهہ فقر دشوار است،

تـہ ڇا شريعت ٻيڙيءَ جو ڪم ڏيندي ۽ طريقت باد بان يعني سڙهہ آهي، ٻيڙيءَ جو، جا ڪناري اچي لنگر هڻندي ۽ تون چوندين تہ مون کي حقيقت جي جاڻ حاصل ٿي، سا سڀ بڪواس آهي. شاهہ شريعت کي ڪجهہ شرف ڏئي ٿو جو روزا رکڻ ۽ نماز پڙهڻ، هن لاءِ چڱي ڪم جي قطار، شمار آهن. پر پرکي پاڻ لاءِ فهم ڪو پنهنجي انداز آهي. تـنهن لاءِ سچل صفا شبدن ۾ چيو آهي تہ شريعت جا نيم سڀ ٽوڙ، ڇو جو عشق جي اڏام ڪائي ڏور ٻـدل ڪانهي. هـيءَ قلندري ڪلام آهي. اهڙي ڏک ساميءَ چيو آهي:-

ڇيو اُٿائين ته عشق جو سؤدو مهانگو آهي. اڳـﻬ جو انگ، تنهن ۾ رڳو ڳـالهه ڳڻيـت نـﻪ آهي پر سر جي ست به، جنهن ڪارڻ شهباز ڇيو آهي ته سارو درياه عشق جو خؤن تر ٿيو پيو هو. جڏهن هيءَ سهڻيءَ وارو "دهشت دم درياه" آهي جت سير چڙهي، پلا نـﻪ پسڻ ڪان بـﻪ بچائـڻو آهي ۽ مشاهدو بـﻪ ماڻڻو آهي. شهباز، اُتيءَ درياه جي ڪناري ٻيٺي، هـڪ ٻـيو نظارو پڻ ڇيو آهي. چوي ٿو:-

رسيدم من بدرياڻي ڪه موجش آدمي خوار اَست
نه ڪشتي اندر آن درياه نه ملاحي- عجب ڪار اَست.

عجب اِسرار آهي هيءَ درياه، جت نـﻪ ٻيڙي نـﻪ ٻيڙيءَ وارو آهي ۽ هن پار وڃڻو بـﻪ ضرور آهي. قلندر جڏهن منجهيو پيئو آهي ته آواز ٿو اچيس ته:-

ندا اَز حق چنين آمد: مگر ترسي رجان خود؟
هيءَ "ندا" ساميءَ جو 'ڪرل' آهي جـو 'ڪن' پيو. سـا سنڌي ٿي، جـو ويدانتي پاشا ۾ اُنهد جـو آواز سڏجي ٿو. ته ڇا خون تر درياه ڏسي جان وڃائڻ جـو خوف لڳو اٿئي؟ تڏهن شاه جي سڏ تـو قلندر چوي پاڻ کي ته:-

بدل گفتم چرا ترسي گذر بايد که نه چار اَست

ته عاشق جو لنگهه اِهو آهي. ٻيو ڪو چارو يعني

ته به سؤ سال، هن راه رندي تي هلڻس تڏهن
هيءُ لامڪان درجو حاصل ڪيم. هيءُ ويدانتي مت
ساميءَ جي پورن ٻن ۽ پورب جنم جي ڪٿا آهي، جا
فارسي خاندان قلندر به ڪٿي آهي. ته باقي پيڙ
ڇا جو؟

لنگهي ٻڙ لانگهو، ته مطلب ٿئي ٿي من جو.

مهانگو - گهانگهو - لانگهو. هيءُ عشق جي ميدان ۾ بازي لڳائڻ لاءِ ساميءَ جا ٻول آهن. جي ائين تو سڪ جا ساڌن ڄاڻايا ته سچ ٻه تنهنجي سار لهندا. جئن شاه چوي ته ”راجا ۽ راڳائي“ ٻئي هڪ ٿيا ۽ سامي چوي ته جئن ائين تون سمجهي هائين ته تون اَنيئه اَڄ چڙهي سپڪت سيج سمهندين.

ساميءَ جي ’اَنيئه اَڄ‘ جو بنياد به قلندر جو شعر آهي ته:-

شهباز لامڪانم من در مڪان نه گنجم
عنقاي بي نشانم من در نشان نه گنجم

مان لامڪان ۽ لانشان آهيان، هيءُ خدا تعاليٰ جاگڻ آهن، ته سي منهنجا ٻه آهن. ڪوئي ڀيد ڪونهي ۽ الڳ، ٿي نشا سگهن. جنهن لاءِ تشبيه رمز سامي چوي:-

ڀڳت منجهه ڀڳونت، جئن ڳنڌ ڦلن ۾.

پر هيءُ فقيري پد ڪڏهن پاتم؟ قلندر شهباز چوي ٿو:-

دو صد جامه ڪهن ڪردم لباس فقر پوشيدم.

گھٻرائجي ويو ته پنھنجن تي ھٿ ڪيئن کڻان؟ تڏھن ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي پرٻوڌ ڏنو. ۽ اَنڌيري مان اَجالي ۾ آڻڻ جي وات ڏسي جو آھي آتم گيان - پنھنجو پاڻ سڃاڻڻ جي رمز، جا گيتا ۾ گيات ڪرائي ويئي آھي.

توُن ٺيڪيدار نه آھين. جنم سان گڏ توُن جيون نقشو چٽائي مرڻ پٽو لکائي آيو آھين. ڪيئن مرندين، ڪڏھن مرندين تنھن کان توُن اَڻڄاڻ آھين. پر مرندين ضرور، تنھن ڄاڻ کان اَڻڄاڻ نه آھين. اَمرپٽو ڪوئي ڪونه لکائي آيو آھي.

ته باقي توُن ڇا جي لاءِ آيو آھين؟ دلالي ڪرڻ. توُن دلال جي درجي تي مقرر ٿيل آھين. توُن ڪرمچاري آھين. ڪرم ڌرم آھي. جنم ڪرم آھي، مرڻ ڪرم آھي. جنم مرڻ ٻه بنديون آھن. تنھن وچ جو فاصلو آھي، تنھن کي زندگي چئون ٿا، ته زندگي به ڪرم جي سپاءُ ڪاٽي آھي. يعني زندگيءَ ۾ جيئن موقعو اَچي، توُن اُن کي سلام ڪر، موقعو پيدا ڪرڻ، سا تنھنجي ٺيڪيداري نه آھي. سو بنيو بنايو ڪاريه ڪرم آھي. اُنجي اُبتڙ ھات ڪرڻ آھي اَڳرن جي دلالي ڪرڻ. ھٿ ڪارا ٿيندا. خاندان تي ٽڪو لڳندو پر جي ڪرمچاريءَ جي پاءُ ڪرم

آتم گيان

بنا آتم گيان همت نه مٽي من جي
ٽوڙي سڀ ساڌن ڪري پڙهي ويد پراڻ
سامهي ڇوي سنسار کي ڄاڻي سپن سمان

گيتا ۾ ڀڳوان ارجن کي ائين چيو.

آتم گيان آهي آتم جو آتم کي پروڙڻ، ڏني ۽ اڻ ڏني جي رشتيداريءَ جو حساب آهي. ڏني معنيٰ هٿ ۽ اڻ ڏني معنيٰ هٿ جي کهاڻي. هٿ باغي عدم هٿ ڪرڪيتر لڙائيءَ جو ميدان پنهنجي لڙائي پاڻ سان باقي سڀ بيان.

گيتا - ڀڳوان - ارجن، هيءُ ڪر ڪيتر جنگ جي ميدان جو چٽر آهي. رٿ ۾ ارجن براجمان آهي. ڪرشڻ ڀڳوان پانڊوُ ڪل جي سوُر وير جي سواري، رٿ، هڪالي اچي وچ ميدان ۾ بيٺو آهي. ٻنهي پاسي هڪ ٻئي کان سرس جوڌا جوان حملي ڪرڻ خاطر سينو تاڻي ڪڙا آهن. تڏهن ارجن لڙڻ کان انڪار ڪري ٿو. ڪاتر نه هو. همت هاري ڪونه ويٺو هو. پر موهه وس ٿي پنهنجا مٽ مائٽ ڏسي

سا ڪهڙي ڏاهپ آهي، جو فخر باعث بڻجي. مان ڪريان ٿو. اِهو اَيمان جو اَحساس آهي. در حقيقت ۾ تون ڪرين ڪونه ٿو. نه، پوءِ ڇُٽو نه. تون اَوديا جي اَيمان جو شڪار ٿي پيو ٿو گهمين. يعني سچ جي سيٽ ۾ سڪڻي ٿيڱڙ، سو ٿيو پاڻ کي ٺڳڻ.

گيتا جي اَڌياءَ ٻئي جي سلوڪ ١٩ ۽ ٢٨ جي آڌار ساميءَ هيءَ اَوديا جي اَيمان جو آتم گيان ڪٿيو آهي. ڪرشڻ ڀڳوان اَرجن کي اِهو گيان ڏنو ته اِنسان مرڻي وستو آهي، پر تنهن ۾ جا شڪتي وسي ٿي، سا اَمر آهي. پوءِ تڏهن تون ڪهڙي باغ جي موري آهين جو هام ٿو هڻين ته مون ماريو يا ڪ هوُ مري ويو. ڪرشڻ اَرجن کي ائين ويٺو پرٻوڌ ڏئي جڻ ڪنهن ٻار کي الف ٻي ڪري هجي ڪرائبي آهي. چويس ٿو ته جي فاني سرير ۾ اَمر سوڪيم سرير جي ڄڃهارت توکي نه سمجهڻ ۾ اَچي ته هيءَ ڳالهه سمجهه ته هيءَ منش جو ڏسجي ٿو ته مري ويو - ڇهه ڪٽي نه تنهنجي تلوار جو شڪار ٿيو - سو به در حقيقت ۾ ائين ڪونه ٿيو. تنهنجي تلوار نه مٿو ڌڪ گسائي ويو. پوءِ به مٿو، نه پوءِ تو ڪهڙو ٺيڪو ڪنيو آهي ڪنهن جي به مرڻ يا نه مرڻ جو. هيءَ گم شم جو جادوُ آهي. ڏسڻ ۾ اَچي ٿو. اَڳي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. مري ويو. نه. ڏسڻ ۾

ڪندو رهندين ته ڇٽڪ هيرن جواهرن جو واپار پيو ڪندين. اهڙي وڻجاري جي اک، به آڪري ۽ هٿ به صاف. گهاٽي واڌي هـو نشچت. هڪ لاءِ، سامي چوي ٿو ته ڏوڙ ٿو منهن ۾ پائي ۽ ٻئي لاءِ ته هو ڦرني کان فارغ دهه دس ڦري ٿو.

ته ڇا مائٽن جي برخلاف، جنهن ۾ گرديو به اچي ويا، جنگ جوٽڻ اڳرن جي دلالي نه آهي؟ نه، هن حالت ۾ نه. ڇو جو ڪرم، ڪرم ڌرم آهي. ڌرم فرض آهي. ارجن ڪشتري ڪل جو آهي. جنگ جوٽڻ سندس ڌرم آهي. تنهن ڪان منهن موڙڻ پاڻ تي اَڌرم جو ٽڪو لڳائڻ آهي. پوءِ ڇو نه ڪٽي ٽون سپٽپو ونش واپاري ٻڻجي وهين ته به لوڪي ڪپٽيو انسان قرار ڏنو ويندو. جنگ جو ميدان ڇڏي وڃين، جت فرض جي بجاوريءَ توکي پڪاريو پئي ۽ هٿ واٽيو ٻڻجي ويهي رهين ته تو نه تلوار نه تارازوءَ جي مريادا جو پالن ڪيو. هيءَ گيتا وارتا جا سامي‌ءَ ورائي هن ٽل چئي آهي :-

سمجهي ڏس سامي چوي، اِهو آتم گيان
ته اَوديا جو اَيمان، مٿي وڃي ٿي من مون.

ڏاڍا ڏنگا ۽ ڏکيا اکر آهن. اَوديا ۽ تنهنجو اَيمان!

چوندا آهيون. پر هيءَ ڪرمچاري نشڪام ٿي ڪرم ڪندو آهي. مطلب ته لاڀ ألاڀ جي ضدن کان دُور آهي. چؤڏول ۾ چڙهي ڪو ڪنهن دُور ديس، هت هت جي حساب ڪونه ويندو. پر اَڏول رهندو. شانت من ٿي ڪرم ڪندو اچي ٿو، پر نتيجو ڇا نڪرندو، تنهن جو خفت هؤ ڪونه ٿو پچائي.

ساميءَ نه ڪام ڪندڙ کي ڪرمي چوي ٿو ۽ ڪامنائن کي ڪلپت ڪانو ٻن ۽ هيءَ جو سرير من جو پوش آهي، تنهن کي کيت چوي ٿو. پوءِ ڪرمي سو سياڻو، جو ٻهرين کيت کي صاف ڪري پوءِ هر هلائيندو آهي. تئن نه ڪرمي ڪامنائن کان من ماري صاف ڪري پوءِ ڪرم ڪندو آهي. جئن خودغرضيءَ کان ڪو ٻچڙو ڪم نه ڪري وهي. هن حساب ساميءَ جو سلوڪ آهي:-

جيئن پوک پچائي ڪرمي، ڪڍي انيءَ ان
ڪلپت ڪانو ٻن، سئي وجهي سامي چوي.

گيتا جي اَڌياءَ ١٣ جي سلوڪن ٢، ٦ ۽ ٧ ۾ کيت ۽ کيت جي ڄاڻونءَ جي باري ۾ گيان ڪٿيل آهي، ته هيءَ پوک ۽ ڪرميءَ واري ساميءَ جي سلوڪ جو اشارو انهيءَ اَڌياءَ ڏانهن آهي. منهنجو سرير منهنجو کيت آهي. ڪرمي مان آهيان. يعني

نٿو اچي. وري وقت پٺيءَ ڏسڻ ۾ ايندو. اسين ڇٺون ٿا ته جائو آهي. نه، ڏسڻ ۾ اچيٿو، جا حقيقت آهي. اسان ڏسڻ جو ڏانءُ نه سکيا آهيون. تنهنڪري سوليءَ واٽ ۽ واٽيءَ ڇٺون ٿا ته ”مري ويو، جائو آهي.“ هيءُ چڪر آهي. تون تنهن کي روڪي نٿو سگهين. ته پوءِ ڪٿي تون ڇٺين ته مان جنگ نه جوٽيندس، جو هي ناس ٿي ويندا. تڏهن توکي چوان ٿو ته تون فڪر نه ڪر.

هيءُ اَڌياءَ ٻئي ۾ ڄاڻايل سنکيا يوگ يعني اُپنٽيءَ جي ڪريا چوندا آهن. هن فيلسوفيءَ جو آڌار آهي ٻڻي ٻڻائي اَڳيئي ٻڻي ٻئي آهي. جو جائو آهي سو مرندو. جو مئو آهي سو وري ڄمندو. پوءِ شوڪ ڇا جو؟ اِهو سنسو آهي. يعني شوڪ ڪرڻ سنسو آهي. سنسو هن حساب ته جو اَست آهي سو ست سمجهي تون شوڪ ڪرين ٿو ۽ خوشي به منائين ٿو. گياني اِنهيءَ ڦندي کان آزاد آهي. نه ته هوُ ڪرم نٿو ڪري، پر هوُ نهه ڪرمي آهي جو گيان اَڌياءَ ٽئين ۾ ڪٿيل آهي، جنهن اَڌياءَ جي سلوڪ ١٩ جي آڌار سامهيءَ جو هيءُ سلوڪ آهي:-

ورلو ڪو هرجن، ڪرم ڪري نهه ڪام ٿي
چڙهي وينو چوڏول ۾، مينٿي سڀ مڻن.

نهه ڪرمي، اَڪرمي نه آهي. جنهن ضد اَسين ڪرمي

أجوري جي ڀاونا رکي نٿو ڪري نہ ھو نرڪ سرڳ جي
خفتن ۽ خيالن کان آزاد آھي. ڪرم ڪرڻو آھي سو
ڪرڻوئي پوندو. باقي جو حساب ڪتاب ھو نٿو رکي.
ھيءَ گيان گيتا جي اڌياءَ ٻئي جي سلوڪ ٤٣ ۽ ٤٧
جي آڌار ڪثيل آھي.

"ڀاونا" شبد جي گڻ اوگڻ جو وستار ڪندي
چوي ٿو:-

ڀاونا ڀوائي، چوراسي لک جوڻ ۾
دک، سک نرڳ، سرڳ، جا، ڀاونا ڀوڳائي
جپ تپ ساڌن سـاڌ سنگ، ڀاونا ڪرائي
ڀاونا ئي ملائي، سامي سار سروپ سان.

'ڀاونا' ڀلائي! 'ڀاونا' سلجھائي! ھيءَ وائيءَ
ور ڪھڙو؟ ڇيائين اِھا "ٻڌي" آھي. ٻڌي رھت
۽ 'ٻڌي' سھت ڪرم جو ھيءَ ڀيد اپيد آھي، فرق
آھي. 'ٻڌي' رھت ڪرم ايمان جي زور بار ٿـو
ڪجي جو چوراسي لک جوڻيون ڀوڳائي ٿـو ۽ جت
'ٻڌيءَ' ڀل ڪرم ڪجي ٿو نہ اُت آتم گيان جي پراپتي
ٿئي ٿي. ھيءَ اڌياءَ ٻئي جي سلوڪ ٤٨ ۽ ٥٠ جو
سار آھي.

ھن سمجھاڻيءَ ساميءَ جا ٻہ سلوڪ آھن. ٻڌيءَ
رھت ديھہ ايمانيءَ جو احوال ڪندي چوي ٿو:-

هر مان ٿو هلايان، ڀوڳ، مان لٽندس جو ٻج مون ڇٽيو آهي. ڀوڳ، جي لٽڻ کي سامي ڇوي ٿو- ”ڪيي اُنيئه اَن“ اُنيئه معنيٰ آزمود و. هاڻ ڪيت تنهنجو، ڪڙمي ڻون آهين، نه پوءِ ڪيت ۾ ڪيت جو جاٽون ٿون آهين. وقت هو جو ڪيت ٿوڪي ڏسڻ آيو ٿي پر ڪيت جو جاٽون نه. هاڻ اُهو سوال ڪونهي. تنهنجي اَکين تي اُلٽي سلٽي من جي مرادن جو پردو چڙهيل هو، جو هٽي ويو آهي، جڏهن پردو هٽيو جو اَوديا جو اَيمان هو تہ پوءِ ”سار سروپ“ سان ملاقات ٿي ۽ پرتڪ پُورن آتما جو درشن حاصل ٿيو. جو آهي آتم گيان يعني خود جي باري ۾ پُورن سچو گيان- اُهڙي گياني جاٽون ۽ کي سامي ۽ نالوڏنو آهي ”پريمي پاڪ“ جنهن باري ۾ اَڏياءَ ٻئي ۾ ڪافي ڪٿا ڪٿيل آهي.

’پريمي پاڪ جي باري ۾ سامي ڇوي ٿو:-
ڀڄي ٻج ڪري، ڀوڳن ڀوڳ، سرڳ، جا
پاپي پائن گهور نرڪ، رڻن رت پري
سامي رهن سڀ ڪان، پريمي پاڪ پري
ڏسن ڏيان ڏري، پرتڪ پورن آتما-

سامي هن ۾ ٻڌنگ نهہ ڪرمي ۽ جي واکيان ڪندو ٿو هاي. هوُ ڪرم ڪري ٿو، پر چاڪاڻ تہ ڪا

هيءُ اِنعام تہ ڪرميءَ ڪٿيو جو چڪر کان ڇٽل رهي ٿو، جو هن کي ڪرم جو ليپ ڪونہ ٿو لڳي تنهن ڪري اليپ آهي. هيءُ گيتا جي اَڌياءَ ٻئي جي سلوڪ ٥١ جي حساب گيان ساميءَ ڪٿيو آهي.

"ڇڙهي ويٺو ڇوڏول ۾" تنهن ڇوڏول يعني من اَڏول جي تصوير بہ ساميءَ کينچي آهي. انهيءَ ساڳيءَ من مراد سامي "سڪپت سيج" شبد ٻہ ڪم ۾ آڻيندو آهي. ڇوڏول هجي يا سيج، پاوا چار ضرور آهن. تن چئن پاون جو ورنن ساميءَ ڪيو آهي. اِنسان کي پکيءَ جي صورت ڏئي ٿو. پکيءَ پر ٻہ. هڪ عشق جو ۽ ٻيو عقل جو. ٻنهي جو ورنن ساڳيو رکيو آهي، نہ تہ اُڏام نہ رڳو اَڻپوري ٿيندي پر سا خطري کان خالي بہ نہ رهندي. چوي ٿو:-

عشق عقل آهين، ٻئي پر پکيءَ جا
اُنيءَ جي آڪاس ۾، گر گم پهچائين
درسن سار سروُپ جو، لنؤ سان لڳائين
ممتا مٽائين، سامي سڀ اَندر جي.

'عقل' سادو اکر آهي. 'ٻڌي' گيان ساز اکر آهي جنهن گڻ تي گيتا ۾ زور ڏنو ويو آهي. شايد سادي سودي سنڌي ٻولي ڪم آڻڻ جي من مراد ساميءَ ٻڌيءَ جي عيوض عقل اکر ڪم ۾ آندو آهي. پر عشق لفظ گيتا ۾ ڪونهي. تہ پوءِ ساميءَ هيءُ جوڙ ڪئن

خود ئي ۽ منجهه خراب، مور ڪـــ، لوڪ اُپار ٿيا،
مـڃي ويـتـا سـت سـپ، جڳت جـو اِسباب
اڳيون ڪـال قهار جـو، سامي جهان اُساب
هر هر ڏيـن حساب، سمجهه ورائي سڪڻا.

سو ٿيو، چوراسيءَ جو چڪر- جو چڪر ڪان مڪت
آهي سو ٿيو پڌيءَ سهت نهه ڪرمي، هـن مهاپرش
جي باري ۾ چوي ٿو:-

فـقيرن فـرمـان، مڃيو محبوبـن جـــو
تـن ڪيي ڪديو اندر مـون ايمان
گهڙي لذاٿون گهر مون، انيڪي آتم گيان
ٿيڙا سي پروان، اڳـيون عجيبن جـي-

هيءَ تصوفي ۽ ويدانتي ڀاشا جي حساب جيؤ ڪلا
جو گيان آهي. "انيڪي آتم گيان" ويدانتي رمـز
آهي. ۽ "پروان اڳيون عجيبن" سو چٽڪ صوفيانو
ڪلام آهي. پر ساز جي سر جنهن سلام آهي، سو سائيو
آهي. منزل ڪو پيد ڪونهي پـروان پد يـا معرفت
جو مارگ هيءَ حاصلات آهي، جنهن لاءِ نهه ڪرمي
جي ڪتا ڪئي ويئي آهي. جو هن ڏاڪي چڙهيو
تنهن مِن رنگ لـڳو ۽ تنهن حقيقت جي پروڙ پيئي ۽
حاصلات ڇا آهي؟ اڪر ڇڏي حقيقت جـو ورتن
آهي تـہ:-

سامي سوئي ڪر، جنهن ۾ ڪرڻو نہ رهي.

سرنديءَ کان ٽالو، سدائين ڳرمک ڪري
جنهن ۾ پي پيتو ڀر ڪري، پريم جو پيالو
سڀ گهٽ ڏسي سپرين، تي جان نرالو
سامي سڪالو، ورلي پيو ويچار سان.

پريم جو پيالو پئي ٿو. ڀر ڪري پئي ٿو. يعني ڪمي ڪانه ٿو رکي. پر وهنوار ۾ هو "ويچار" سان ورتي ٿو.

ويچار سان ورتڻ جي وڌي سمجهائيندي سامي ٻين ٻن ڳڻن جو احوال ڏئي ٿو ۽ سي آهن "شڪر" ۽ "صبر". چوي ٿو:-

شڪر ۽ صبر، عشق عقل سان ڳڏيا
ڇٽي جي ڇوڏول ۾، ڪو جهولي نرپک نر
پر چي لڌو جنهن پنهنجو، اتيءَ آدي گهر
ميٺي ڏکه ڏمر، سيتل ٿيو سامي چوي.

سيتل من جي پراپتي، اها منزل آهي ۽ ساڌن آهن شڪر ۽ صبر جا ڳڻ هٿڻ. يا ائين به چئجي ته شڪر ۽ صبر ظاهري صورت آهي من جي، جو من سيتل آهي يعني سيتل سڀاوَ وارو انسان هميشه "شڪر شڪر" جو جاپ پيو جپيندو آهي جنهن کي هوند صوفياني ڪلام "ذڪر" چئجي.

ڀڃڻ؟ سائينءَ سان لنءُ لڳائڻ يا سائينءَ لاءِ لڳن هڻڻ، اهڙا شبد تہ گيتا ۾ اچن ٿا ۽ تنهن سان گڏ 'ڀڳتي' شبد جوڙي گيان ڪٿيل آهي جنهن کي "ڀوڳ يوڳ" جو پاڻ چئجي ٿو. ڏسجي ٿو تہ 'لڳن' جي ڀيٽ انداز کي ساميءَ شاعراڻو چولو "عشق" جو پهرايو آهي. هوُنءَ تہ حساب ٻيهي نٿو. مطلب اِهو اٿس تہ عشق پاڻي ڪماءِ پر عشق جي سواريءَ کي بہ لغام جي ضرورت آهي جنهن کي ڀڳتي چئجي ٿو. قلندري پڻ نيڪ آهي. پر اها مستي چوويهہ ئي ڪلاڪ ڪانہ هلندي. بي خوديءَ ۾ خودي يعني هوش جي انگ جي ضرورت آهي. سچل سرمست لاءِ عشق معنيٰ عشق. اُت عقل لاءِ ڪائي گنجائش ڪانهي. پر سامي ڪنهن ٻيءَ رمز هلي ٿو جا شاهہ جي خيالات سان وڌيڪ ميل کائي ٿي. هيءُ ٻئي راهہ رندي نہ پر سالڪ جي راهہ هلڻ چاهين ٿا. اڌام ۽ لغام، ٻنهي جي جاڻ، جيون رهڻ چاهين ٿا.

ساميءَ جو نيڪو آهي تہ هوُ ويدواٽي سنڌيءَ ۾ ٻڌائي ٿو يعني سادي ٻولي ۽ سولو سادو ڍنگ. تنهن مراد انجام ڏيندي چوي ٿو تہ روحانيءَ راهہ تي "وچار" کان ڪم وٺ. 'ڀڳتي' لفظ جي معنيٰ کي وڌيڪ سولو ڪري سمجهائڻ جي خيال 'وچار' لفظ ڪم ۾ آندو اٿس. چوي ٿو:-

ڏنو ته تون ڪتري ورن جو آهين. جنگ جوٽڻ تنهنجو فرض آهي. فرض جي پورت مڪتيءَ جي پراپتي آهي. 'راه' لفظ جي پنيان وڏو راز رکيل آهي ۽ جو آهي ته دين ڌرم جي بدل سدل گناه آهي. اڌياءَ ٤ سلوڪ ١٣ ۽ اڌياءَ ٣ سلوڪ ١٦ ۽ ٣٥ ۾ هن حقيقت جي ڄاڻ ڪرائي ٿو. اهڙن پرچارڪن ڏي اشارو ڪندي سامي چوي ٿو ته اهي پنڌي سڌي اُستاديءَ جون ڳالهيون ڪن ٿا جا روحاني راه ٽي گستاخيءَ جي چال آهي ۽ انهيءَ راز جي اڻ ڄاڻ ته هر گهر، اگهر جو گهر آهي، تنهن ڪري هر جيو ٻئي جو ثاني شريڪ آهي ۽ جي تون چئين ته تون آتم گياني آهين ته پوءِ هن حرڪت کان باز اچ....

ڪفر ۽ اسلام جو جهيڙو، هن حرڪت جو فسانو آهي. سنڌي درويش هندو، خواه مسلمان، هن حرڪت کان باز اچڻ لاءِ پنهنجي شاعري فن، واه جو اظهار ڪيو آهي. ڪفر هڪ عالماڻي مضمون جي اُتم وشيه آهي. شاه صاحب پنهنجي روحاني رمز هن تنديل حرف 'ڪفر' تي اهڙو گهاٽو رنگ چاڙهيو آهي، جو مسلمان ته هندوءَ کي ڪافر چوي ٿو، نه پر خود هندو به ائين محسوس ڪري ٿو ته هن ۾ ڪافر چوائڻ جي لياقت ڪٿي آهي؟

شاه صاحب چويٿو ته هيءُ دين ڌرم جو رولو

چئن پاون چار نالا. پر جا سڀ جڙي تيار ٿـي تنهنجو نالو ڇا؟، سامي تنهن کي نالو ڏئي ٿو ”وويڪ“ چوي ٿو:-

محبوبن جي هڪ ٽڪ رکن ٽيڪ
ور تن ساڻ وويڪ، ساکي ٿي سامي چوي،

ماڻهوءَ ماڻهوءَ فرق آهي وويڪ جو وڪاس. وويڪ جي بدران منصف لفظ شاه ڪم ۾ آندو آهي. ”منصف منجهه وهار“ هيءَ شاه جي هدايت آهي ته پنهنجي اندر کي صاف سوڌي، دنيا ۾ وهنوار ڪر ته تون ٻنهي پرن پورو رهندين. معنيٰ محبوب سان ٻه ته مخلوقات سان ٻه، آتم سان ٻه ۽ ”آتم رام“ سان پڻ. هيءُ آتم گيانيءَ جو سڀاءُ آهي.

هنن آتم گيانين جي ذات پات جي قول ڪانه پوندي آهي. سامي تن کي ”نرپک نر“ چوي ٿو ۽ سائين سڀاجهي ڏانهن اشارو ڪري چوي ٿو:-

ٻکي پڇيائين ذات پات، ٻکي پڇيائين راه.

کهڙي ڏين ڌرم جو نيو لڳل آتئي يا کهڙي ورن جو آهين سا پڇا محبوب ڪونه ڪندو آهي. هيءُ گيتا جي اڌياءَ ۴ جي سلوڪ ۱۱ جو سار آهي. ورن پور هٿي جي ورچ جي مد نظر مقرر ڪيا ويا آهن. تنهن خيال ئي ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي گيان

ٽوڪي اِنهيءَ حرڪت ڪري ڪافر چون ٿا ۽ تنهنجي ڏرم کي ڪفر. پر مان ٽوڪي ڪافر نه چوان، ڇو جو تون، اِنهيءَ شرڪ يعني ڪفر جي نيمن سان سچو نه آهين، تنهن ڪري ٽون مهرباني ڪري نه تِلڪ لڳاءِ ۽ نه جڻيو پاءِ، شاه ڪٿي ٿو وڃي ڏک هڻي. سمجهوُ کي سمجهڻ ته برابر اِها ڳالهه صحيح آهي ته مان ڪافر جي خطاب حاصل ڪرڻ جو اَڌ ڪاري نه آهيان.

هاڻ وري منهن ورائي شاه صاحب پنهنجي دين پائين کي ٿو چوي:-

اِن پر نه ايمان، جنَن ڪلمي گو ڪوٺائين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
منهن ۾ مسلمان، اَندر آذر آهئين.

هندوءَ جو جڻيو. تنهنجو ڪلمو. نه جڻيو پائڻ سان ڪو هندو بڻجي، نه ڪلمي پڙهڻ سان مسلمان. جيسين دغا دل ۾ آهي، تيسين دعا دوا ٿي نه لڳندي، پلي نه دعا پنڻ جو طريقو تنهنجو کهڙو به هجي. شاه صاحب شرڪ ۽ شيطان لفظ ٻئي هڪ سڪو ڪري هليا آهن. شيطان معنيٰ نفس. چيائين ٽون به نفس جو غلام آهين جا غلامي به بت پرستيءَ ۾ شمار آهي. مطلب ته هندو توڙي مسلمان، سڀئي پير پنهي مان

آهي. هڪ دين اسلامي ٻيو ڌرم سناتني- اهي ناالا آهن. هاڻ فرض ڪر منهنجا هندو سڄڻ ته تنهنجي ڌرم جو نالو سناتني نه پر شروع کان ئي 'ڪفر'- دين ڌرم کي پنهنجا پنهنجا نيم ۽ عقيدا آهن- مون کي ارمان هن ڳالهه جو آهي ته تنهنجي ڌرم 'ڪفر' جا جي نيم آهن تن جي تون پوري ٻجاوري ڪونه ٿو ڪرين ته مان جيڪر، سچ ٿو چوان، ته توکي ڪافر چوائڻ جو اڌڪار ڪونهي- نالي ۾ ڇا رکيو آهي. جيڪي آهي سو نيم ۽ ادب آهي، جنهن جي توکي ڄاڻ آهي ڪان ته تون ٻي دينو آهين. جو ٻي دينو سو ڪافر- هيءَ شاهه جي هيٺ ڄاڻايل بيتن جي آڌار هڪ ٽيڪا آهي.

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر ۾ ڪوناءِ،
هندو هڏ نه آهين، جڻيو تو نه جڳاءِ
تلڪ تنهين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

شاهه صاحب جا اکر ڏاڍا سادا سوڌا آهن پر معنيٰ ڏنگي اکرين رکي ٿو. پهرين مصرع ۾ ڪفر لفظ ڪم ۾ آندو اٿس. ٻي ٽئين واري مصرع ۾ شرڪ لفظ ڪم آندو آٿس. مطلب ساڳيو آهي. شرڪ مان شارڪ ۽ ڪفر مان ڪافر. شارڪ سو جو ٻئي ڪنهن ڌڻيءَ جي هستيءَ جي شريڪ معنيٰ برابر سمجهي- سائين لاثاني آهي. هن جو ڪو شريڪ ڪونهي. مسلمان،

جيئو هو ارجن کي، ته همه حق آهي ۽ حق همه آهي.
ته ڪير ٿو ڪنهن کي ماري ۽ ڪير مُئو اِهو اگيان
آهي. همه کي حق مڃڻ اِهو آتم گيان آهي ۽ آتما
ذات پات جي صفتن جي محتاج نه آهي ۽ نڪا هوءَ
جنم مرڻ جي چڪر ۾ پوڻ واري آهي. تنهن ڪري
اِئين چوڻ ته مان ڪريان ٿو ۽ تنهن ڪرڻ ڪارڻ هيءَ
ڳالهه ٿي، سو دم ٿون نه هڻ. ٿون ڪو سبب نه آهين.
ٿون خود ڪنهن سبب جو ڦل آهين. تنهنڪري اِهي
خام خيال ڇڏي آتم کي اَمر سمجهي، پنهنجو فرض
پورو ڪر. تنهن ۾ مڪتي آهي، باقي سڀ جوني
جڳت ۽ ڀڳت.

ھڪ ئي ڪونہ تو ھاي، نہ ٻئي ڪافر آھيو يعني گهٽ
۾ گهٽ سائين لوڪ نہ آھيو. باقي ڪي بہ ھجو تنھن
۾ پنھنجي نہ ربي نہ خريف.

شاھ جي ھنن ھدايتن جي برابر روحل رند فقير جو
ھيءُ ڪلام آھي.

ڪفر ۽ اِسلام ۾، تا پرين اُبتا پير
ھڪ ھندو ٻيو مسلمان، ٿيون وچ وڏائون ويڙ
اندن اونده نہ لھي، تن کي سچ چوندو ڪير؟
پر روحل راھ پرينءَ جي، جان گهڙي ڏنوسين گهيڙ
تہ رب مڙني ۾ ھڪڙو، جنھن ۾ ڦند نہ ڦير
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبي الله ۾.

ھيءُ روحل آھي "ڪنڊريءَ ۾ ڪرتار ڏنوسين"
جو ٢١ ورھين جي ڄمار جو پڪي ڪني فقير ھو،
جنھن ساميءَ کان اُڳ ۾، گيتا جو گيان ڪٿيو تہ راھ
کهڙي بہ وٺين پر آخر ۾ ايندين مون وٽ، جو مان ھڪ
آھيان ۽ ساري سرشٽي منھنجو ڪعبو يعني گهر آھي.
پوءِ ھندو يا مسلم تہ دنياداري آھي باقي جا حقيقت
آھي سا آھي تون ڪ مان يا ڪ ڪوبہ ٻيو سو آدميءَ
ليکي آدمي آھي، جو منھنجي دم دم ڪٽي تو، جو
ڏسڻ جو ڏانءُ آھي ۽ شاھ چوي تو تہ "ڏسڻ ڏسين
جي، ھمہ کي حق چئين." تہ ڏھن ڪرشن ڀڳوان

هيءَ ساڌارڻ گيان آهي. روز مره جي زندگي گهارڻ لاءِ هڪ خوراڪ آهي. سامي ٽنهن واڪ يعني سنتن جا وچن چوي ٿو ته جو ڀوکي ڪٽڪ ڪاڻ لٽبي آهي. پوءِ جي رستي پنڌ ٽوکي ڪندا ڇين ته آرمان ڪوه ڪرين ٿو؟ آتم گيان جو خلاصو ڪندي سامي هيءَ سلوڪ چيو آهي.

بنا آتم گيان، ممت نه مٽي من جي
ٿوڙي سڀ ساڌن ڪري، پڙهي ويد پراڻ
سامي چوي سنسار کي، ڄاڻي سپن سمان
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي به ائين چيو.

ٻن سلوڪن جي پڻيان جا ڀاونا ڀريل آهي، سا فرق ظاهر ڪريٿي ته ڪٿن سامي زندگيءَ جو ڪل جوڙ ملائي ۽ گيان ڪٿي ٿو ته جو جيوُ جنهن پد ٿي پهتو هجي سو سندس ڪٿيل گيان مان ضرورت انوُسار لاڀ حاصل ڪري ۽ جيوَن سڦلو ڪري.

آتم گيانيءَ لاءِ سنسار سپن سمان آهي، ڇو جو آتما مري ڪانه ٿي ۽ نڪو ماري ٿي. ٽهنڪري ڪرم جو ليپ ٽوکي ڪونه ٿو لڳي. پر ڪرڪيتر جي حساب هيءَ سنسار حقيقت آهي، جت ٿون ڀوڳ ڀوڪينٿو ۽ وقت کي سلام ڪري لٽندين به. اِهو وقت جو سلام جنم مرڻ جو چڪر آهي. پر ڪيتر اِهو

ڪرم ڦل ڪنڊلي

ساميءَ 'آتم گيان' ڪٿيو آهي. پر سا زندگيءَ جي هڪ ڳُوڙهي راز جي ڦولها آهي. هر موقعو ڪو ڪرڪيتر جي لڙائيءَ جو نہ آهي. آتم نہ مري نہ ماري، اهڙو گيان ارجن کي ڪرشن ڀڳوان ڏنو هو. جڏهن پنهنجا مٽ مائٽ، گرو گرديو، جنگ جي ميدان تي ڏسي، موہ وس ٿي ڪري هٿيار پوهار ڦٽي ڪري ۽ اداس دل ٿي ويهي رهيو. ڪرشڻ ڀڳوان تڏهن ڪيس آتم پد کان جاڻ ڪرائي هئي ۽ 'ڌرم' جي بہ جاڻ ڪرائي هئي تہ کتري ڪل جو ڌرم آهي لڙائي جوڙڻ نہ ڪ جنگ جي ميدان تان ڀاڄي ٿي پوڻ.

پر ڪرڪيتر کي ڪرم ڪيتر بہ چوندا آهيون. ڪيتر معنيٰ هي سنسار ۽ ڪرم معنيٰ تنهنجو ڪرم تنهنجي ڀوڳنا - جو پوکيندين سو لڻندين. ڳڻتيءَ ڳرڻ اُت هاج نانهہ، سامي چوي ٿو:-

ڳڻتيءَ ڪوہ ڳڻين، مورک، پنهنجي من ۾
گهٽ وڌ ٿيندو ڪينڪي، توڙي ٻئي هٿ هڻي
ٻيجي جو ٻانيڻ چوي، هرڪو ٻار ڪٽي
جي توکي واڪ وڻي، تہ سمجهي ڪڻ سامي چوي.

ٻوليءَ ۾ چوي ٿو:-

"تنهنجو رکج ڀرم" تنهنجو معنيٰ مالڪ ديهه اُتم جو ڀرم رکج - يعني عزت کج ۽ نيمن جي پوري پوري پالنا کج. جنهن ڪرسيءَ تي تون آهين تنهن ڪرسيءَ جو ڌرم آهي. اُن ڌرم جي پالنا آهي، اُن ڪرسيءَ جو ڀرم رکڻ. چوندا آهن ته واه جو پنهنجو ڌر جو سنڀاليائين! ڪڏهن گلا نه ڏيار يائين ۽ ائين پنهنجي ڪرسي سنڀالي هاڻ مڙي سان ويٺو پينشن ماڻي. هڪ مثال ڪري ڏيکاريائين. هيءَ ساميءَ جو مطلب آهي ته سڀني ديهه ڌاريئن ۾ مانکا ديهه اُتم آهي. ته هن ديهه جو ڀرم آهي ته تون اُتم ڪرم ڪر، ته ڪيتي اُتم رهي ۽ محنت لاڀدائڪ ٿئي.

تڏهن 'ڪرم ڦل ڪنبلي' تنهنجي اِخلاق جو نقشو آهي. اِخلاق ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي. اِها شڪتي آهي جا توکي معنيٰ ڏئي ٿي. اِها شڪتي پل ڏسڻ ۾ نه اچي، پر اِها ٻوليندي آهي. اِنهيءَ جي آواز کي اسين وويڪ چوندا آهيون. هيءُ ته جنهن کي سڀر چئون ٿا. سڀر ناسونت آهي پر آواز ۽ اِخلاق مرن ڪونه ٿا. تڏهن تون هڪ راز آهين. اُمر آهين حالانڪ لکائي مرڻ پٿو آيو

اُٿئي، جواچ ٿون ڏسين ٿو ۽ چئين ٿو تہ آهي. وري جڏهن وري هن ڪيتر ۾ رهيل حساب چڪتو ڪرڻ لاءِ ايندين تہ تنهنجي اڳياڻ تہ ٿوڪي خبر ئي آهي تہ ڪو ٿون هن ڪيتر جو اڳيـ، ٻي ٿرواسي هئين ڪوئي ٿرڪ ڪواهي تہ ٿون پگتان نہ پريندين. پنهنجي جاڻ ڪانسواءِ ٿو پنهنجي ڪنڌ لي ٿاهي آهي، جا تنهنجي چٽيءَ ۾ ڇپي پيئي آهي. اِها ڪنڌ لي ڪمال ڪندي. تنهن ڪمال ٿون زير زبر جو فرق نٿو رکي سگهين. قلم وهي ويو ۽ هاڻ بند آهي. تنهنجو ڪرم تنهنجو قام آهي. قام ليک لکي ٿو. ٿون اُهي پنهنجا لکيل ليک نٿو پڙهي سگهين تہ پوءِ اِهو تنهنجو پاڻ ٿوکي ٻيو ڪير سمجهائيندو.

قلم بند آهي! معنيٰ جو لکجي ويو سو لکجي ويو. وئي جي پنيان هوءِ هوءِ ڪرڻ مان ڪجهہ ڪڙ ٽيل نہ ٿڪرندو. پر اڳتي تہ قدم سنڀالي ڪرڻ. جي اِها رهت رهين تہ تو لِک ڇا پر سپ ڪجهہ ڪٽيو ۽ فخر سان چئي سگهين ٿو تہ صبوح جو بگڙيل ٽارو جي وري شام جو چمڪي اُڀريو سو بہ جڻ نہ بگڙيو- هن ڀاونا پريل سندس پربوڌ آهي:-

'ماڻک ڏيهہ اُٿم ليکي نہ لائين.'

'ليکي نہ لائين' هدايت ڪي وڌيڪ سولي سنڌي

ڏکو ۽ ٻڪو

هر درويش ذات پات جي پيدا ٿيا، اوچ نيچ جي پاڻ ٿيا دوست جو ديدار آهي. اُهي ٻه ائين چوڻ صحيح ٿيندو ته هر پراڻي پريتم جو پردو آهي تنهن ۾ جنهن منجهه منهن موڙي محب پسيو سو هر جن ۽ جو هرجن سو هر ورن کان وانجهو. سامي چوي ٿو:-

وڏي وڏائي سامي جاڻ ڀڳت جي
نيچ اُوچ تيا ڪيترا ڪري ڪمائي
ڀي يي چمار جلاها ڀيچارا نائي
جنهين لنؤ لائي سي سيئي سڌريا.

"سڌريا" معنيٰ ڇا؟ بگڙيل - سڌريل. ٻه لفظ آهن. هڪ ٻئي جو ضد آهن. يعني اڳي جي بگڙيل هئا سي هاڻ سڌري پيا. روحاني راهه ۾ بگڙيل معنيٰ جنهن کي ديهه ايمان هجي ۽ سڌريل معنيٰ جو ديهه اندر ديدار ڪري دوست جو. جو ديدار ڪري سو خود ديدار هؤ پاڻ ڪوه، ٿو چوي ته ڪومان خدا جو ديدار آهيان. پر لوڪ ائين مڃي ٿو پوءِ ڇو ڪين اُهو درويش ڪٿو پائي ته ٻه لوڪ اُن ڪي راڄ جو رانول مڃي ٿو ۽ ڪتان جو ڪتان کهي اُچي مٿو

آهين. جڏهن جامو ڇڏي جامو ٻهريندين ته اِهو آواز
۽ اِخلاق ٿهه ۾ ٿهه، تنهن ۾ ٿهه 'راس' جو ٿي ڪري
ڪم ڪندا. اِنهيءَ راس جي آڌار تنهنجي ڪرم ڦل
ڪندلي تيار ٿئي ٿي. هيءَ ڪندلي چا ٻر هڪ
قسم جي هندي آهي جا ٽو ٻاڻ پنهنجي هٿين
اَکرين ٻاڻ تي جاري ڪئي آهي، سا هاڻ ٽوکي
ٽي ٻرٽي ٻوندي. ٻيو ڪو تلهي نه ٻوندو -
چوندا آهن سيڪا ٻکري پنهنجي ڦاهي ٽنگبي،
ڇو جو جنهنجو ڪرمُ تنهنجو ڀوڳڻ.

اِشارو ڏنو اٿس ته جي سيتا اِنهيءَ ريکا جو مرم رکي ها ته راوڻ کيس ڀڄائي ڪونه وڃي ها. تون آئم آهين پنهنجي اڳيان ويساهه جو ٻنو ڏيئي ۽ اِنهن پنجن راوڻ روپي وڪارن کي هن طرف ٿي رهڻ ڏي ته پوءِ راماڻ گيان ٿيو نه ته ڪٿا هن ڪن ٻڌي ۽ هن ڪن هوا ٿي ويئي.

'رن' تنهنجو ضد سهاڳڻ. خارن وچان ساميءَ وقت ۽ اِنسان جي ڪريل حالت ڏسي اِهو سخت لفظ ڪم ۾ آندو آهي. نه ته مطلب سهاڳڻ سان اٿس. سهاڳڻ سان گهوٽ هوندو. ته پنج سهاڳڻيون ٽن جي پنجن گهوٽن ڏانهن اِشارو ساميءَ جو ڪونهي. گهوٽ هڪ آهي جنهن کي پنج زالون آهن ۽ گهوٽ آهي 'مَن' اِنهيءَ من کي مار معنيٰ وڪارن کي ڏهڳ، ڏي ته تون جيئي هلڻين جڳ، مان. درجا پنج پاس ڪرڻا ڪونهن. درجو هڪ ئي آهي ۽ پاڻ آهي، "مَن جيت جڳ، جيت تہ جڳديش چوائين."

ڪارڻ آهي ته طب به آهي. من مست هاٿيءَ کي قبضي ۾ رکڻو آهي. ته سادن ڇا آهي؟ "وچن ٿي ويساهه." سامي چوي ٿو:-

ٿيڪي ٿو.

هيءَ ڪمائي ڪي سلام آهي ڪمائيءَ جا درجا آهن ۽ ڪمائي جا ساڌن آهن. انهن ته ڪمائيءَ جا پنج درجا هئڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته وڪار پنج آهن. عجب ڀاشا آهي ساميءَ جي! پنج وڪار معنيٰ پنج رنون.

پرتيون ۽ پنا ويساسين ويڙهي رکيا
سمجهائون سامي ڇنئي ساري لاوڪنا
چڙهيا انيءَ اڄ ٽي ڀاپي پنج رنا
وڌا جنهن پنا اڳيون آتم رام جي.

ڇا ته پنهنجي ڪلا جي ڪمال جو ثبوت ساميءَ ڏنو آهي ۽ ڇا ته خيالات جي بلندي! آد جي کهاڻي ڪنئين اُتائين ۽ جا آدئي رهندي. کهاڻيءَ جا لاوڪنا جي ڪلا ڪٿڻ کان ٻاهر. يعني جنهن لاءِ اِها الف ب ۽ ماترائن واري ڀاشا ڪارگر نه آهي. روحاني راهه ٽي جو پند ڇڪي ٿو. ٽنهن جو احساس ڀاشا نه ٻڌائي سگهندي. هيءَ ساري ڪٿا ويساه جي آڌار ڪٿي وڃي ٿي. يعني جت واد وواد جي لاءِ گنجائش نه آهي ۽ ڇا تشبيه ڏني اُتائين "ٻنا" ڏاڍو سادو لفظ آهي. هاري به اِهو لفظ سمجهي سگهي ٿو ته هوءَ پنهنجي ٻنيءَ، کيت، کي ٻچائڻ لاءِ ٻنا ڏيندو آهي. هن سان رام جو نالو جوڙي لڇمڻ ريکا جو

ڪچ ۾ ڪري سٽو آهين. 'ترشنا ڏائڻ' جو درنگي ٻڪو. تنهنجي دل دليلن جو داستان آهي، ويساهه جو آستان نہ آهي. ءِ سا دل عليل آهي.

اَوديا چنڊالي وِڙهي وِٺي جيءَ کي.
ٻائي ويننا ڪچ ۾ ترشنا ڏائڻ رن
ٻانيڻ ٻڌ ۾ نات ڪوڙا مايا موهه جا
ڪٽي هٽندءِ ڪنڌ ۾ اِها ڏائڻ ذات.

چئن سچل سرمست ٽئن سامي خارباز. هيءُ ساميءَ جي هٿان هٿان سلوڪن مان گڏ ڪيل سنڌس زباني آهي جنهن کي چئجي گروءَ جو وچن جنهن تي تون ويساهه رکي دنيا ۾ رهت رهي پنهنجو جيون سڌار جو آهي-

ڪيائون وس ويساهه سان ٻرچي من ٻون

اَهڙو-

ويساسي واصل وڃي ٿيو وحدت ۾

يعني-

ٻائي سمهيو ڪچ ۾ لال ٻڪو.

وچن تي ويساه رکيو جنهن رهت سان
سو اُلٽي اُنتر مڪ ٿيو درد وند داناءُ
سامي لڏائين سر تي روم روم مون راه
پائي پد اُسگاه چڙهي ويٺو چوڏول ۾.

'وچن؟ ڪنهنجي وچن تي؟ گروءَ جي. ۽ 'رهت'؟
ست سنگ ڪرڻ. ساميءَ گروءَ ساڌ سنگت تي ڏاڍو
زور ڏنو آهي. چوي ٿو:-

جيڪو ڪمائي پڳتي گرو ويساه سان
سهجي سو پائي جيون پدوي گهر ۾

گروءَ جي وچن تي ويساه هڻڻ گهرجي. ۽ گروءَ جو
وچن ڇا آهي؟ ته:-

ڏٺي لت نه لوڙه مانڪ ديهه اُمول کي.

مانڪ ديهه اُتم خزانو آهي انسان کي مليل. پر هُو
سو لٽائي ويٺو. چوي ٿو:-

اود يا رن لٽي ٿي خاص خزانو سڀ جو
جوڙي جنهن کي بندي گهير ت سان گهڻي
پيارا پنج بچي ڪري راکيون ڏينهن ڪٽي
ڪو سامي سنت ڇٽي ڪري حمايت هر جي.

۽ اُود يا ڇا آهي؟ ته جڏهن ڪ تنهنجي ڪچ ۾
هڻڻ گهرجي اِڪ رنگي 'يڪر' نه تون شوق پڳي

سمجهاڻي اکر ساردُول جي

سروق تي هن گيان ڪٿا جو سرو آهي ”ساردُول“. سنڌي لغت ۾ ”ساردُول“ لفظ جي معنيٰ آهي ”شير“. پر جي اِها معنيٰ ٿي وٺجي ته روحاني راز جو سلوڪ ۾ ڇپيل آهي سو نه رڳو پورو نٿو کلي پر سارو مطلب اُلٽو ٿي ٿو وڃي. تشبيهه آهي شڪار گاهه جي ۽ شڪار آهي وڪارن جو جي اندر جوءِ معنيٰ جاءِ يعني هيءُ جسم پنهنجو اَڏو ڪري ويٺا آهن. ڳاج معنيٰ آواز. هٿ معنيٰ منتر جو اُچارڻ جنهن جي زير بار وڪار پئجي وڃن يعني ڪرم ڪرڻ جي ضرورت نه پوي ته پوءِ من ٿئي اَمن معنيٰ ”شانت در“ درجو حاصل ٿئي. پر جي اِها ڳاج شير جي آهي جا ٻڌي مرگن جوءِ تجي ته مطلب نه ٿو ڇٽي. هڪ ته شير جڏهن شڪار تي نڪرندو آهي ته آواز نه ڪندو آهي. چپ چاپ ڪري قدم کڻندو آهي. ٻيو ته جي شير گجگوڙ ڪندو ته مرگ معنيٰ هرڻ پنهنجي جوءِ ڇو ڇڏيندو؟ هو ته هٿائون پنهنجي غفا ۾ لڪي ويهي رهندو. ٻيو ته ڪوئي ڪونه. هوڏانهن اسان کي ڄاڻ آهي ته شڪاري جڏهن شڪار تي ويندا آهن ته مرون کي ٻرن مان ٻاهر ڪڍڻ

سرورق

هر مڪان اَديبن ۾ پرين ٿا اَمر اَدب جي ساک،
هر صوفيءَ ڪلام آهي ٻانگ، ٻه چڏي هڪ جي ساک،
نه چنڊ تارا ٻکي نرشؤل عالمگير آدم جي ٻاک،
آءُ پيهي منجهه اوتار لڳن لڳاءَ حق قلندر جي راک،
مٿي محفل يارن جي عشق جي آهي اوطاق
آهن ويٺا بند ڪري دين ڌرم جو طاق
رات ساري لڏون لاٿ، رات باقيءَ آهن ٻي ٻاق
جڏهن ڪرل پيو سين ڪن تڏهن ڪليو تن جو طاق
قلندري آهي تخلص منهنجو پر آهي ڪٿي قلندر
نقل آهي تخلص منهنجو، منهنجي آهي ڪٿي مَصدر
وڃ نه دل دهلجي ڏسي نظارو خون ٽر
سُر ٻڌي سِر ڏنائون تڏهن لڏائون شانت در

صحيح نامو

ص -	سٽ -	صحيح
I	١٣	هيءَ تڪ
I	١٤	نہ پٽي
XI	١١	سلوڪ آهي
XVI	١٩	Reverence
XVI	٢١	Divine
XVIII	١٨	November
XVIII	٢٧	305001
٩	٨	نگر
١١	٤	تي الله
١١	٢٠	مُ تہ
١٥	١٥	هٽي.
١٥	١٦	بندا داموڊر!
١٧	١	ڊيوُ ٿي
١٧	٢	نانت
١٨	١٩	وادِي
١٩	٣	پريم پرواه
٢٢	١٦	پري ٿي
٢٥	١	ٻئي حرفين
٢٥	٢٠	اِستت
٢٦	١٣	ڊيھ وڊيھ
٢٧	٢	پنھون
٢٨	٦	پاٺھين هٿن
٢٨	٩	خاڪ پاڪ
٣٠	٣	يا
٣١	٨	هڪ نہ
٣٧	٦	پنھنجو هٿ
٤٢	١٧	تجنيس
٤٣	٥	اونءَ لونءَ لنؤ
٤٨	٣	چونڊ ول
٤٩	٣	سٽ
٤٩	١٦	جو
٤٩	١٧	اُوندھ
٥٠	١٩	آهن سي
٥٢	٢	آهي. هن
٥٨	١٤	ڪلا جو
٦٢	١	قالُوا بلي
٦٦	٥	آهي. هيءَ
٧٢	١٩	اُگھاڙو

لاءِ وڏو نغارو وڄائيندا آهن جو پڙاڏو ٿي ۽ مروُن
جي ٻرڻ ۾ گونجندو آهي، تڏهن گهبرائجي مروُن
جوءِ ڇڏيندا آهن ته شڪار ٿي ويندا آهن.

هن حساب ساردوُل ٿيو وڏو دهل ۽ گاج ساردوُل
جي ٿيو گرمنتر جنهنجي اُچارڻ سان پاپ ڪرم ڀڄي
ويندا. پوءِ جيڪو شانت درجو طالب حاصل ڪري ٿو
سو ٿيو سچل مؤجب ”حيراني حيرت“ ۽ شاهه لاءِ ٿي
”چاندڻ ئي چانڊاڻ“ ۽ سامي سنت سڄان لاءِ ٿيو
”اَڄ“. هيءُ اُهو شانت جو درجو ٿيو جتي ڇئجي
ڪٽي ته خود شانت به شانت ٿي وڃي. يعني ڪجهه
به اَحساس ڪرڻ جي ٻُوجهه ۽ شڪتي نه رهي. سا
سڀ ڪهڙي حساب؟ ساميءَ جي گاج ”ساردوُل“
جي برابر شاهه جي ”روح رباب“ وڄڻ ڪارڻ.
تنهن ڪري ساردوُل جي معنيٰ شير نه ٿي ڪري
دهل ٿيندو ۽ گاج ساردوُل جي هڪ منتر ٿيندو
جنهن کي روح رباب چئو يا انهد جو آواز.

Appreciation

Dr. (Prof) S.M. Jhangiani, M.A., Phd. Delhi Deshbandhoo College, speaks:

"The Indian Literature" Nov-Dec. 1979, PP 70-71 Sahitya Akademi Publication.

"Biography is the most neglected branch of Sindhi Literature in as much as only a few biographies have come out so far. "Rakho Rakhan Har" (The Protector) by Lekhraj Hans is therefore a welcome addition.

"Narain Jethanand Merani (Qalandari) deserves credit for un-ravelling the life of hitherto unknown Sufi Saint Sai Tirthdas Giani (Gianchandani) in his biography entitted "Atma Darshan (Self Realization) Giani Sai Tirthdas". Sindhi was a flower-bed of many authors and religions and sufies had found a fertile soil during the kalhora rule which had also witnessed the martyrdom of Shah Inayat Sufi. Since then a number of khown and un-known Sufi Saints, both Hindus and Muslims, have preached the tenets of sufism. Their hearts contained hidden divine sparks. Sai Tirthdas is one such sufi who died in madras soon after partition. The book contains the work of spiritual wisdom of Sai Tirthdas".

ص	سٽ	صحيح
٧٤	١٤	زجانِ
٧٦	٦	جي
٨١	١	فخر جو
٨٦	٣	تاب
٨٦	٦	ڪرمي.
٨٦	١٦	ڪونهي.
٨٧	٨	ضروري
٨٧	١١	وزن
٩٠	١٣	قولهہ
٩١	١٠	گهر اُگهر
٩٢	١٩	ڪنهن کي
٩٣	٥	پاء.
٩٧	١٨	ڪرم ڪيتر
٩٨	٥	فرق
١٠٢	٢	آهي.
١٠٥	١	آهين ترشنا

قدر شناسي

سرڳواسي شري موتيرام وليچا ايم-اي، سمپادڪ "اجمير جا اديب" ١٩٧١ع ۽ "ادبي ستارا" ١٩٧٣ع.

"نارائڻداس ميراڻي سنڌ ۾ سيوهڻ دادو ضلع ۾ ١٩١٣ ۾ جنم ورتو. ورهاڱي بعد اجمير وسايائون. اِتهاس ۾ ايم.اي. جي ڊگري حاصل اٿن. کين انگريزي خواهِ سنڌي اَدب سان شوق آهي.

سنڌيءَ جي شاعق مضمون نويسن مان هڪ آهي. سندس لکڻي ۽ طرز نئين پنهنجي آهي. خودي ۽ خدا، ذات ۽ صفات، اِنسان ۽ شيطان نه صرف سندس رچنائن جا وشيه آهن پر ترقي پسند ڏسي ڪتابن جي ذخيري جي عمدي پيشڪش آهن. آزاد نظم لکي به قام آزمائي ڪئي اٿن ۽ ڪامياب لکڻي داس آهن. ڌرمي فيلسوفي سندن رچنائن جو بنياد آهي. سفيد لباس جو شوق، اديبن جي ماحول جو ذوق سندس انتر آتما جو آواز آهي."